روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) آچر 11 ڊسمبر 2022ع بمطابق 16 جمادي الاول 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 198

فوج جو اي پوليٽيڪل رهڻ جو فيصلو اداري جو آهي: راڻا ثناءُ الله

فوج منظم ادارو آهي، ان ۾ نوڪر جي نه پر اداري جي پاليسي آهي، تنهن ڪري جڏهن سياسي رهڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي ته اهو به اداري جو فيصلو آهي

اهو چيف يا هڪ فرد جو فيصلو آهي، نه، تنهن ڪري، يقين آهي ته ادارو هن سطح جي عزم ڪي پورو ڪندو، شهباز گل تي ڪو به سياسي ڪيس ناهي

هن فوج جي صفن ۾ نفرت پکيڙڻ لاءِ جيڪا ڳالهه ڪئي اها ڪنهن کان به برداشت نه ٿي سگهي، هن سندس سخت لفظن ۾ مذمت به ڪئي

اعظم سواتي ڪي سياسي انتقام جو نشانو بڻايو ويو، ڇا هن اسان خلاف ڳالهايو؟ هنن عدليه ۽ فوج کي بدنام ڪيو، جيڪڏهن اهي ماڻهو پاڻ بري ٿي وڃن ته ٺيڪ آهي

جيڪڏهن عدالت انهن جي سمورن ڪيسن ۾ ضمانت منظور ڪري ٿي ته ٺيڪ آهي، جيڪڏهن عدالت حمزا ۽ شهباز شريف کي ڪوڙن ڪيسن مان بري ڪري ٿي ته فوج کي مبارڪباد ڏيان ٿو

عدليه کان فيصلا گهرائي فوج کي بدنام ڪري رهيا آهيو ته ٻئي طرف عدليه جو مذاق اڏائي رهيا آهيو، اڄ شهريار آفريدي، فواد چوڌري ۽ شهباز گل تي اهو ڪيس نه هجي ها

لاهور (م د) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُ الله چيو آهي ته فوج منظم ادارو آهي، ان ۾ نوڪر جي نه پر اداري جي پاليسي آهي. تنهن ڪري جڏهن سياسي رهڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي ته اهو به اداري جو فيصلو آهي. اهو چيف يا هڪ فرد جو فيصلو آهي، نه. تنهن ڪري، يقين آهي ته ادارو هن سطح جي عزم ڪي پورو ڪندو. لاهور ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي راڻا ثناءُ الله چيو ته شهباز گل تي ڪو به سياسي ڪيس ناهي، هن فوج جي صفن ۾ نفرت پکيڙڻ لاءِ جيڪا ڳالهه ڪئي اها ڪنهن کان به برداشت نه ٿي سگهي. هن سندس سخت لفظن ۾ مذمت به ڪئي. هن چيو ته اعظم سواتي خلاف چيو ته ڪيس سياسي انتقام جو نشانو بڻايو ويو، ڇا هن اسان خلاف ڳالهايو؟ هنن عدليه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسان کي اڻ برابري ۽ ناانصافي کان پاڪ معاشري لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي: وزيراعظم

اڄوڪي ڏينهن تي لازمي آهي ته اسان والاريل ڪشمير ۾ انساني حقن جي صورتحال جو جائزو وٺون، اسان کي اڻ برابري ۽ ناانصافي کان پاڪ معاشري لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي

ڀارت ڪشميرين کي حق کان محروم رکيو آهي، فوجي ڪارروائين ذريعي ڪشميرين جي آزادي جي حق کي چٿڻ جي ڪوشش ڪئي وئي: ميان شهباز شريف

پاڪستان ڪشميرين جي حقن لاءِ اخلاقي، سياسي ۽ سفارتي حمايت جاري رکندو، ان ڏس ۾ اسان کي پنهنجون اجتماعي ڪوششون جاري رکڻ گهرجن

اسان کي پاڪستان جي باني جي ويزن کي نه وسارڻ گهرجي، قائداعظم هڪ آزاد ملڪ چاهيو، جتي سڀني کي برابر حق حاصل هجن: وزيراعظم جو اجلاس کي خطاب

اسلام آباد (م د) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته اسان کي اڻ برابري ۽ ناانصافي کان پاڪ معاشري لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي. انساني حقن جي عالمي ڏينهن تي پنهنجي پيغام وزيراعظم شهباز شريف چيو اڄوڪي ڏينهن تي لازمي آهي ته اسان والاريل ڪشمير ۾ انساني حقن جي صورتحال جو جائزو وٺون. هن چيو ته ڀارت ڪشميرين کي حق کان محروم رکيو آهي، فوجي ڪارروائين ذريعن ڪشميرين جي آزادي جي حق کي چٿڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پاڪستان ڪشميرين جي حقن لاءِ اخلاقي، سياسي ۽ سفارتي حمايت جاري رکندو، ان ڏس ۾ اسان کي پنهنجون اجتماعي ڪوششون جاري رکڻ گهرجن. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

لاهور: وزيراعظم شهباز شريف سان مسلم ليگ ن جو پنجاب جو جنرل سيڪريٽري سردار اويس خان لغاري ملاقات ڪري رهيو آهي

شرجيل انعام ميمڻ پاران فواد چوڌري جي ٽوئيٽ تي رد عمل

وزيراعليٰ سنڌ جو جهاز فني خرابي سبب ڪيترن ئي ڏينهن کان گرائونڊ آهي: شرجيل ميمڻ

پي ٽي آءِ هن ڪوڙ کي ثابت ڪري، ٻي صورت ۾ عوام کان معافي گهري: صوبائي وزير

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات کاتي واري وزير شرجيل انعام ميمڻ اعظم سواتي جي گرفتاري لاءِ ڪوئيٽا جهاز موڪلڻ بابت فواد چوڌري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

عالمي برادري والاريل ڪشمير ۾ انساني حقن جي پامالي تي آواز اٿاري: آصف زرداري

شهيد محترمه بينظير ڀٽو انساني حقن جي علمبردار هئي، ذوالفقار علي ڀٽو 1973 جي آئين ۾ انساني حقن جي ضمانت ڏني آهي

پ پ سڀني اقتدار ۾ اچي انساني حقن کي يقيني بڻايو آهي: اڳوڻي صدر آصف علي زرداري جون پريس ڪانفرنس دوران ڳالهيون

ڪراچي (م د) اڳوڻي صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته عالمي برادري والاريل ڪشمير ۾ انساني حقن جي پامالي تي آواز اٿاري انساني حقن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي بيان ۾ آصف علي زرداري چيو ته شهيد محترمه بينظير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڪراچي: اڳوڻو صدر آصف علي زرداري پريس ڪانفرنس ڪندي

تعليم يافته نوجوان ئي پاڪستان جي روشن مستقبل جي ضمانت آهن: ڪامران ٽيسوري

ڪانووڪيشن ۾ وائيس چانسلر بشير جان محمد، انسٽيٽيوٽ آف بزنس مينيجمينٽ جو صدر طلب ڪريم، بورڊ آف گورنرز جي ميمبرن، استادن، شاگردن ۽ والدين پڻ شرڪت ڪئي

ڪانووڪيشن سمورن شاگردن لاءِ خوشي ۽ فخر جو ڏهاڙو آهي، ڇو ته ڪانووڪيشن شاگردن جي محنت جو ثمر ۽ والدين جي قربانين جو نتيجو آهي: سنڌ جو گورنر

اهي مستقبل ناهڻ ۾ ڪامياب آهن، تنهنڪري شاگرد هميشه پنهنجي والدين جو خيال رکڻ، والدين جون دعائون توهان کي هر مشڪل مان ڪڍي سگهن ٿيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري چيو آهي ته پڙهيل لکيل نوجوان سماج ۽ قوم جو اثاثو آهن. تعليم يافته نوجوان ئي پاڪستان جي روشن مستقبل جي ضمانت آهن. مان سمجهان ٿو ته پاڪستان جي خوشحالي ۾ نوجوانن جو سڀ کان وڏو ڪردار سمجهان ٿو. اهڙن خيالن جو اظهار هن انسٽيٽيوٽ آف بزنس مينيجمينٽ جي 25هين ڪانووڪيشن کي خطاب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري طرفان ايڪسپو سينٽر جو دورو ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري طرفان ايڪسپو سينٽر جو دورو ڪيو ۽ 17هين ڪراچي انٽرنيشنل بڪ فيئر ۾ شرڪت پڻ ڪئي. ان موقعي تي پاڪستان پبلشر ايسوسيئيشن جي چيئرمين عزيز خالد پڻ ڪتابي ميلي ۾ موجود هو. سنڌ جي گورنر چيو ته ڪراچي انٽرنيشنل بڪ فيئر هڪ سٺي ڪوشش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڪراچي: سنڌ جو گورنر ڪامران خان ٽيسوري منعقد ٿيل اجلاس ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي

چوڌري پائرن ۾ رابطا بحال ٿي ويا آهن، عمران خان جو هر حڪم اکين تي: مونس الاهي

اسيمبلي ٽوڙڻ جي معاملي تي عمران خان جيڪو حڪم ڏيندو ان تي عمل ڪيو ويندو، مونس الاهي وزيراعليٰ هائوس ۾ وي لاگرز سان ملاقات ڪئي

عمران خان اسيمبلي ٽوڙڻ جي حوالي سان جيڪو چوندو ڪنداسين ۽ نين چونڊن جي معاملي تي ڪو سمجهوتو نه ٿيندو: ق ليگ اڳواڻ

موجوده سياسي صورتحال ۾ چونڊون ئي واحد حل آهي، مستقبل ۾ تحريڪ انصاف سان گڏ رهڻ چاهيون ٿا پر ڪجهه ماڻهو شايد نٿا چاهين ته پي ٽي آءِ ۽ ق ليگ گڏ هلن

لاهور (م د) ق ليگ اڳواڻ مونس الاهي تصديق ڪئي آهي ته چوڌري پائرن ۾ رابطا بحال ٿي ويا آهن. جڏهن ته اسيمبلي ٽوڙڻ جي معاملي تي عمران خان جيڪو حڪم ڏيندو ان تي عمل ڪيو ويندو. مونس الاهي وزيراعليٰ هائوس ۾ وي لاگرز سان ملاقات ڪئي. جنهن دوران هن واضح ڪيو ته عمران خان اسيمبلي ٽوڙڻ جي حوالي سان جيڪو چوندو ڪنداسين ۽ نين چونڊن جي معاملي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ايس بي سي اي جو قانوني ڪاتو به ڪرپٽ آهي: سنڌ هاءِ ڪورٽ

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ايف بي ايريا پلاٽ نمبر R53A تي غير قانوني اڏاوتون ڍاهڻ خلاف داخل درخواست تي ٻڌڻي ٿي

ڊائريڪٽر جنرل (ڊي جي) ايس بي سي اي، ڊپٽي ڊائريڪٽر سينٽرل ايس بي سي اي ۽ ٻيا عدالت ۾ پيش ٿيا

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس نديم اختر ريمارڪس ڏنا ته سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (SBCA) ڪرپٽ ادارو آهي ۽ ان جو قانوني ڪاتو به ڪرپٽ آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ايف بي ايريا پلاٽ نمبر R53A تي غيرقانوني اڏاوتون ڍاهڻ خلاف داخل درخواست تي ٻڌڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

راڻا ثناءُ الله منشيات اسمگلنگ ڪيس ۾ بري ٿي ويو

لاهور (م د) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُ الله منشيات اسمگلنگ ڪيس ۾ بري ٿي ويو گهرو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

پي ٽي آءِ اڳواڻ اعظم سواتي ڪوئيٽا کان سکر منتقل

سکر (رپورٽر) تڪراري ٽوئيٽس ڪيس ۾ نامزد پاڪستان تحريڪ انصاف جي سينيٽر اعظم سواتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڏکڻ پنجاب صوبي جي ڳالهه پئي هلي، سنڌ ۾ ورهاڱي جي ڳالهه ڪندڙن کي ماڻهو جيئڻ نه ڏيندا: وڏو وزير

ملڪ اندر سرائيڪي صوبو ناهڻ جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن، وڌيڪ صوبا يا انتظامي يونٽس ناهڻ لاءِ ڪير سنڌ جي باري ۾ نه سوچي

سنڌ صدين کان هڪ رهي آهي ۽ هڪ ئي رهندي، سنڌ ۾ ڪنهن به نئين صوبي جي ڳالهه ڪئي ته ان جو برو حشر ٿيندو: سيد مراد علي شاهه

اسان چاهيون ٿا ته اسيمبليون نه ٽٽن، عمران خان اسيمبليون ٽوڙڻ جون ڳالهيون ڪري عوام کي بيوقوف بڻائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي

ٺٽو (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو آهي ته ملڪ اندر سرائيڪي صوبو ناهڻ جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن، وڌيڪ صوبا يا انتظامي يونٽس ناهڻ لاءِ ڪير سنڌ جي باري ۾ نه سوچي. مراد علي شاهه ٺٽي ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ٺٽو: سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه صحافين جي سوالن جا جواب ڏيندي

ن ليگ مشروط طور پنجاب ۾ پرويز الاهي کي وڏو وزير مڃڻ لاءِ تيار

ن ليگ جا سينيئر اڳواڻ چوڌري شجاعت سان رابطي ۾ آهن ۽ سندس طرفان نوس ڳالهه سامهون اچڻ تي ن ليگ اڳتي ڳالهه ڪندي

چوڌري پائرن جا رابطا بحال ٿي ويا آهن پر سياسي معاملي تي ڳالهه ناهي ٿي، پرويز الاهي جي ڊبل گيم نٿا چاهيون: ن ليگ جا ذريعا

ن ليگ پنجاب جي اجلاس ۾ امڪاني اميدوارن جي فهرست تيار ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي، چوڌري شجاعت اسان جو اتحادي آهي

لاهور (م د) وفاق ۾ حڪمران جماعت ن ليگ پنجاب ۾ چونڊن يا پرويز الاهي کي وڏو وزير مڃڻ لاءِ تيار ٿي وئي. ذريعن موجب ن ليگ جا سينيئر اڳواڻ چوڌري شجاعت سان رابطي ۾ آهن ۽ سندس طرفان نوس ڳالهه سامهون اچڻ تي ن ليگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڊيلي ميل جي معافي کانپوءِ عمران خان کي جهڪڻ گهرجي: نواز شريف

شهزاد اڪبر عمران خان جي حڪم تي شهباز شريف تي ڪوڙا الزام هنيا، سڀ کان وڏي برطانوي اخبار ڊيلي ميل ثبوت نه هجڻ تي معافي گهري آهي

نيشنل ڪرائم ايجنسي الزامن جي جاچ ڪري شهباز شريف کي ڪلين چٽ ڏني هئي، ملڪ ڇتي رهيو آهي ته هن ملڪ جي اخبار معافي گهري

ڪنهن جي بيگناهي جو ان کان وڏو ثبوت ڪهڙو هوندو؟ جسٽس شوڪت صديقي جج ارشد ملڪ کي ڇا چيو، پاڻ ثاقب نثار جو آڊيو ليڪ ٿيو

لنڊن (م د) مسلم ليگ ن جي قائد نواز شريف جو چوڻ آهي ته ڊيلي ميل جي معافي کانپوءِ عمران خان، سندس پارٽي ۽ شهزاد اڪبر کي پنهنجو سر جهڪائڻ گهرجي. لنڊن ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي نواز شريف چيو ته شهزاد اڪبر عمران خان جي حڪم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اندروني انتشار سبب پي ٽي آءِ ختم ٿيڻ جي ويجهو آهي: امتياز شيخ

وقت گذرڻ سان گڏ عمران خان جا ڪوڙ، سازشي داستان ۽ ڪرپشن بي نقاب ٿي رهي آهي: صوبائي وزير

جڏهن عام چونڊون مقرر وقت تي ٿي رهيون آهن ته پي ٽي آءِ کي پنهنجي شڪست صاف نظر اچي رهي آهي

پرويز الاهي ڪڏهن به اسيمبلي ٽوڙڻ جو فيصلو نه ڪندو، اسيمبليون آئين ۽ قانون موجب پنهنجو مدو پورو ڪنديون

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي توانائي واري صوبائي وزير امتياز شيخ دعويٰ ڪئي آهي ته اندروني انتشار سبب پي ٽي آءِ ختم ٿيڻ جي ويجهو آهي. ميڊيا سان ڳالهائيندي امتياز شيخ چيو ته وقت گذرڻ سان گڏ عمران خان جا ڪوڙ، سازشي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي: سنڌ جي توانائي واري صوبائي وزير امتياز شيخ پريس ڪانفرنس ڪندي

ڌيءُ سان زيادتي ڪيس ۾ سزا مليل سوتيلي پيءُ جي سزا ڪالعدم

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ڌيءُ سان زيادتي واري ڪيس ۾ سزا خلاف سڳوري پيءُ جي سزا ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏي. سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ڌيءُ سان زيادتي واري ڪيس ۾ سزا خلاف سڳوري پيءُ جي اپيل تي ٻڌڻي ٿي. ماتحت عدالت جوابدار کي 10 سال قيد جي سزا ٻڌائي هئي. پر سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي جي جوابدار ساجد خان جي درخواست تي فيصلو محفوظ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

حيدرآباد: ليڊي ڊاڪٽر جو شادي کان انڪار

پريمي جو ساٿين سان گڏ گهر تي حملو، ناري کي اغوا ڪري ورتو

وڊيو جي مدد سان 18 ڄڻن کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو آهي: پوليس

حيدرآباد (رپورٽر) ڀارت ۾ مجريل هجوم هڪ گهر تي هلان ڪري عورت ڊاڪٽر کي اغوا ڪري ورتو جنهن کي پوليس آپريشن ڪانپوءِ بازياب ڪرائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ناظم جوکيو ڪيس: ڄام اويس سميت 8 جوابدارن تي فرد جرم لاڳو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ملير جي عدالت ۾ ناظم جوکيو قتل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

جوابدارن ڏوهه کان انڪار ڪري ڇڏيو، عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي ڪيس جي شاهدن کي طلب ڪري ورتو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڪراچي جي عدالت ناظم جوکيو قتل ڪيس ۾ پ پ جي سنڌ اسيمبلي ميمبر سميت 8 جوابدارن تي فرد جرم لاڳو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

پاڪستان جون معاشي حالتون بهتر نه آهي: مصطفيٰ ڪمال

اسان سڀني کي سنجيده ٿيڻ جي ضرورت آهي، مخالف ڌر ۽ حڪومت کي ملي ڪري ڪم ڪرڻ پوندو: پاڪ سرزمين پارٽي جو چيئرمين

ان کان اڳ احتساب عدالت ۾ مصطفيٰ ڪمال سميت ٻيا ڪلفٽن ۾ سرڪاري زمين جي غيرقانوني الاٽمنٽ ڪيس ۾ پيش ٿيا

عدالت ڪيس جي ٻڌڻي 23 ڊسمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي، سموري دنيا کي مسيج ڏنو وڃن پيو ته اسان جي ملڪ جون حالتون بهتر آهن

ڪراچي (رپورٽر) پاڪ سرزمين پاڪستان جي چيئرمين مصطفيٰ ڪمال چيو آهي ته پاڪستان جون معاشي حالتون بهتر نه آهي. اسان سڀني کي سنجيده ٿيڻ جي ضرورت آهي .هن چيو ته مخالف ڌر ۽ حڪومت کي ملي ڪري ڪم ڪرڻ پوندو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

شرجيل انعام ميمڻ پاران سينيئر رپورٽر شجاعت قريشي جي وڏي ڀاءُ جي وفات تي ڏک جو اظهار

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات کاتي واري وزير شرجيل انعام ميمڻ سينيئر رپورٽر شجاعت قريشي جي وڏي ڀاءُ جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. پنهنجي هڪ تعزيتي بيان ۾ صوبائي وزير، شجاعت قريشي سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو آهي. صوبائي وزير دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي: پاڪ سرزمين پاڪستان جي چيئرمين مصطفيٰ ڪمال پريس ڪانفرنس ڪندي

چين سان لاڳاپا وڌائي رهيا آهيون: سعودي عرب

خطي جي استحڪام لاءِ ايران ڏانهن دوستي جو هٿ وڌائيندا رهنداسين

آمريڪا جي دنيا جي سڀ کان وڏي اقتصادي طاقت هئڻ واري حيثيت برقرار آهي

رياض (م د) سعودي پرڏيهي وزير فيصل بن فرحان چيو آهي ته عرب ملڪن جو چين سان سهڪار ڪا نئين ڳالهه نه آهي. پرڏيهي ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته چين سان لاڳاپا وڌائي رهيا آهيون، آمريڪا جي دنيا جي سڀ کان وڏي اقتصادي طاقت هئڻ واري حيثيت برقرار آهي. سعودي پرڏيهي وزير چيو ته عرب ملڪن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

چين آمريڪا لاءِ خطري جي گهنٽي وڄائي ڇڏي، آمريڪا لاءِ چيلنج

عالمي واپار تي آمريڪي ڊالر جو ڪنٽرول ڪمزور ڪرڻ لاءِ تيل ۽ گيس جي خريد ۽ وڪرو يوآن ۾ ڪيو ويندو

ان مقصد لاءِ شنگهائي پيٽروليم ۽ نيشنل گيس ايڪسچينج کي هڪ پليٽ فارم جي طور تي استعمال ڪيو ويندو: چيني صدر

بيجنگ خليجي عرب ملڪن مان وڏي انگ ۾ تيل جي درآمد جاري رکندو ۽ مايع قدرتي گيس جي درآمد ۾ واڌ ڪندو

رياض (م د) چيني صدر شي جن پنگ سعودي عرب جي ٽن ڏينهن جي دوري دوران جي سي سي اڳواڻن سان خطاب ۾ چيو آهي ته عالمي واپار تي آمريڪي ڊالر جو ڪنٽرول ڪمزور ڪرڻ لاءِ تيل ۽ گيس جي خريد ۽ وڪرو يوآن ۾ ڪيو ويندو. ان مقصد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

پاڪستاني هاڻ فيس بڪ، واٽس ايپ تان به پئسا ڪمائي سگهندا: بلاول

ميٽا فيس بڪ، انسٽاگرام ۽ واٽس ايپ تي مواد تخليق ڪندڙ پاڪستانين لاءِ مونيٽائيزيشن جو نئون اسٽارز فيچر متعارف ڪرائي رهي آهي

اسٽارز فيچر ذريعي وڊيوز ۽ ٻيو مواد ٺاهيندڙ پاڪستاني تخليق ڪار پئسا ڪمائي سگهندا: پاڪستان پيپلز پارٽي جو چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير

وڊيوز ۽ مواد تي جيترا وڌيڪ اسٽار هوندا اوترا وڌيڪ پئسا ملندا، پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري سنگاپور جي آفيس ۾ دعوت ڏيڻ تي ميٽا جا ٿورا مڃيا

سنگاپور (م د) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري فيس بڪ، انسٽاگرام ۽ واٽس ايپ استعمال ڪندڙ پاڪستانين لاءِ وڏي خوشخبري ٻڌائي آهي سنگاپور ۾ ميٽا جي آفيس مان وڊيو بيان جاري ڪندي بلاول چيو ته ميٽا فيس بڪ، انسٽاگرام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سنگاپور: پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري سنگاپور ۾ منعقد ٿيل اجلاس جي صدارت ڪندي

پوليس موبائيل جي ٽڪر ۾ نوجوان مارڻ تي اهلڪار کي 8 سال قيد، 42 لک ديت جو حڪم

عدالت پوليس گاڏي جي ٽڪر ۾ فوت ٿيل نوجوان جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي پوليس اهلڪار کي 8 سال قيد ۽ 42 لک 63 هزار رپيا وارثن کي ديت جي رقم ڏيڻ جي سزا ٻڌائي ڇڏي

عرفان علي رند واحد علي ڪڪراڻي، اشفاق سانگي ۽ محمد قاسم جتوئي سان گڏ ٻن موٽرسائيڪلن تي سوار ٿي وڳڻ شهر ۾ شادي جي تقريب ۾ شرڪت ڪرڻ لاڙڪاڻي کان وڳڻ وڃي رهيا هئا

نتيجي ۾ عرفان علي رند فوت ٿي ويو هو، واقعي جو ڪيس نوجوان جي والد مولاداد رند جي فرياد تي تعلقي ٿاڻي تي داخل ٿيو

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي جي عدالت پوليس گاڏي جي ٽڪر ۾ فوت ٿيل نوجوان جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي پوليس اهلڪار کي 8 سال قيد ۽ 42 لک 63 هزار رپيا وارثن کي ديت جي رقم ڏيڻ جي سزا ٻڌائي ڇڏي. رپورٽ موجب لاڙڪاڻي جي ڇهين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

لاهور: قومي اسيمبليءَ جو اسپيڪر راجه پرويز اشرف ميڊيا سان ڳالهائيندي

پي ايس ايڪس: ڪاروباري هفتي ۾ منفي رجحان

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروباري هفتي ۾ منفي رجحان رهيو هينڊريڊ انڊيڪس 451 پوائنٽس جي گهٽتائي سان 41698 تي بند ٿيو ۽ ڪاروباري هفتي دوران هينڊريڊ انڊيڪس 953 پوائنٽس جي ٻيڻ ۾ رهيو جڏهن ته انڊيڪس هفتي جي بلند ترين سطح 42248 تي بيلو هينڊريڊ انڊيڪس 41,295 جي هفتيوار گهٽتائي تي ٻهچي ويو ۽ مارڪيٽ هفتي ۾ 89 ڪروڙ حصص جو واپار ڪيو شيئر مارڪيٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

نوشهرا ۾ سي ٽي ڊي جي ڪارروائي، 4 دهشتگرد مارجي ويا

مارجي ويلن جارئي دهشتگرد مختلف ڪيسن ۾ گهربل هئا، سندن قبضي مان هٿيار، گولا ۽ بارود به هٿ آيو

مارجي ويلن دهشتگردن مان ٽن جو واسطو پشاور جي علائقي بڊ بير، جڏهن ته هڪ جو افغانستان سان آهي

نوشهرا (م د) نوشهرا ۾ سي ٽي ڊي مردان ۽ پوليس جي گڏيل ڪارروائي ۾ 4 دهشتگرد مارجي ويا. مارجي ويلن جارئي دهشتگرد مختلف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

لاڙڪاڻو: پيپلز بس مٿان فائرنگ، مسافر محفوظ، 2 شڪي ماڻهو گرفتار

لاڙڪاڻي جي قبرستان پرسان الله والا پل تي پيپلز بس مٿان مبينا طور فائرنگ ڪئي وئي

نتيجي ۾ بس جو شيشو ٽٽي پيو، ان دوران مسافرن ۾ خوف ۽ هراس ڦهلجي ويو

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ پيپلز بس مٿان فائرنگ ڪئي وئي، جنهن سبب بس جو شيشو ٽٽي پيو، پوليس ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪري جاچ شروع ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

بدقسمتيءَ سان هڪ ذهني مريض قومي سياست جو حصو بڻجي ويو: عبدالقادر پٽيل

اليڪشن آڪٽوبر ۾ مقرر وقت تي ٿيندي، ميونسپل چونڊون ٿيڻ واريون آهن، پوءِ تياريون ٿينديون، پوءِ بجيٽ ايندي

هي بدمعاش، بيوقوف ۽ ذهني طور پنٽي پيل ماڻهو آهي، جيڪڏهن هو اپوزيشن ۾ آهي ته مديني جي رياست جي ڳالهه ڪندو آهي

جيڪڏهن هو حڪومت ۾ آهي، ننڊ مان نه جاڳندو، تازو موسمياتي تبديلين سبب سنڌ کي سڀ کان وڌيڪ تباهي آئي آهي

اسلام آباد (م د) صحت واري وفاقي وزير عبدالقادر پٽيل چيو آهي ته بدقسمتي سان ذهني مريض پاڪستاني سياست جو حصو بڻجي پاڪستان کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. ٿئي ۾ ٻوڏ متاثر پوليو ورڪرز ۾ امدادي چيڪ ورهائڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

عمران خان تي حملي جي جاچ، طلبي باوجود ڪو پي ٽي آءِ اڳواڻ جي آءِ ٽي ۾ پيش نه ٿيو

لاهور (م د) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان تي حملي جي جاچ ۾ طلبي باوجود فيصل واوڊا ۽ ڪو پي ٽي آءِ اڳواڻ جي آءِ ٽي ۾ پيش نه ٿيو. جي آءِ ٽي جاچ لاءِ فيصل واوڊا سميت پي ٽي آءِ اڳواڻ ياسمين راشد، حماد اظهر، فيصل جاويد سميت 35 ڄڻن کي اڄ طلب ڪيو هو. جي آءِ ٽي ذريعن موجب اڄ صبح 11 وڳي طلبي باوجود فيصل واوڊا سميت ڪير به پيش نه ٿيو. ذريعن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

اسلام آباد: صحت وارو وفاقي وزير عبدالقادر پٽيل پريس ڪانفرنس ڪندي

دادو ونڊاري کي حراسان ڪرڻ وارو معاملو: ليڊي ٽيچر اهلڪار کي معاف ڪري ڇڏيو

نوٽيس بعد ڊي ايس پي سٽي عبدالخالق وٽ ليڊي ٽيچر نيلي مريم ميمڻ کي طلب ڪيو

پوليس اهلڪار دلبر لنجار غلطي تسليم ڪندي لکت ۾ ليڊي ٽيچر کان معافي پڻ ورتي

ايس ايس پي اهلڪار کي معطل ڪري ڪوارٽر گهٽ ڪرڻ سان گڏ انڪوائري جا حڪم ڏنا هئا

دادو(ن سنڌيار) ليڊي ٽيچر نيلي مريم ميمڻ سان پوليس اهلڪار دلبر لنجار پاران حراسان ڪرڻ وارو معاملو ليڊي ٽيچر نيلي مريم ميمڻ پوليس اهلڪار کي معاف ڪري ڇڏيو ايس ايس پي دادو جي نوٽيس بعد ڊي ايس پي سٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

تنظيم سان سنڌ ۽ بلوچستان جا
2500 کان وڌيڪ ملون لاڳاپيل
آهن: قمرالدين گوپانگ

لاڙڪاڻو(رپورٽ)سنڌ بلوچستان رائيس ملرس اينڊ ٽريڊرس جي مرڪزي صدر قمرالدين گوپانگ، جنرل سيڪريٽري اسد علي ٽنيو تعلقي لاڙڪاڻي جي صدر صابر علي عباسي، ميڊيا ڪوآرڊينيٽر ساجد ميمڻ ۽ ٻين سان گڏجي لاڙڪاڻو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته اسان جي تنظيم سان سنڌ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

دادو: ايس پي عبدالخالق، ليڊي ٽيچر نيلي مريم ميمڻ کي بيان لاءِ طلب ڪيو

خيرپورناٿن شاهه ۾ ڳوٺ ٻٽي واسي ملاح برادري پاران ڀورڙي پوليس خلاف احتجاج

محمد حسين ملاح، انور ملاح، خادم ملاح، علي مرتضيٰ ملاح، شاهن ملاح احتجاج ڪيو

ڳوٺاڻن پلي ڪارڊ کڻي ڪميونٽي سينٽر کان نيشنل پريس ڪلب تائين احتجاجي مظاهرو ڪيو

خيرپورناٿن شاهه (رپورٽ:برڪت علي چانڊيو) خيرپورناٿن شاهه ۾ ڳوٺ ٻلي واسي ملاح برادري پاران ڀورڙي پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو. ڳوٺاڻن محمد حسين ملاح، انور ملاح، خادم ملاح، علي مرتضيٰ ملاح، شاهن ملاح ٻين جي اڳواڻي ۾ پلي ڪارڊ کڻي ڪميونٽي سينٽر کان نيشنل پريس ڪلب تائين احتجاجي مظاهرو ڪيو ڀورڙي پوليس خلاف ڇتي نعريبازي ڪئي! ايس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

رٽائرڊ سرڪاري ملازمن جي تنظيم گريوا بدين جو اجلاس، اهم معاملن تي ڳالهيون

اجلاس ۾ تعلقي بدين، گولاڙچي، ٽنڊوباگو، ماتلي، تلهار جي اڳواڻن شرڪت ڪئي

بلوچستان ۽ گلگت بلتستان ۾ ملازمن کي گروپ انشورنس ڏنو وڃي ٿو: عبدالطيف

عبدالحئي منڊرو محمد اسلم ميمڻ رجب علي ميمڻ محمد اشرف ميمڻ ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) رٽائرڊ سرڪاري ملازن جي تنظيم گريوا ضلعي بدين جو اجلاس مرڪزي صدر پروفيسر عبداللطيف راڄپر جي سربراهي ۾ ٿيو جنهن ۾ تعلقي بدين، گولاڙچي، ٽنڊوباگو، ماتلي، تلهار جي اڳواڻن شرڪت ڪئي ان موقعي تي پروفيسر عبداللطيف راڄپر خطاب ڪندي چيو ته گروپ انشورنس رٽائرڊ ملازمن جو حق آهي جيڪو کين زندگي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

همايون ۾ ايل ايس او ڪرن
پاران همايون پاران ڪمبل
تقسيم ڪيا ويا

شڪارپور (رپورٽر) ايل ايس او ڪرن يونين يونين ڪائونسل همايون پاران مستحق بيواهه عورتن ۾ گرم ڪمبل تقسيم ڪيا ويا همايون شريف لڳ ڳوٺ احمد علي پرچوند ۾ عورتن جي ڀلائي فلاح بهبود لاءِ سالن کان ٻوسي همايون شريف ۾ ڪم ڪندڙ سماجي تنظيم ايل ايس او ڪرن يونين ڪائونسل همايون شريف پاران ڊي سي شڪارپور/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

بدين: تنظيم گريوا بدين جو اجلاس ٿي گڏيو

بدين شهر جي وارڊ نمبر 7 ۾ پي ٽي آءِ جي نامزد ڪائونسلر تي حملي جي مذمت

اطلاعات کاتي جي هڪ اعلي آفيسر جي پٽ اسد چلگري پاران حملو ڪرڻ خلاف احتجاج

اسد چلگري ڪوارٽرن تي قبضو ڪري شهري جاڳائي بدين جا ڪوڙا ڊوميسائل ٺهرايا:اڳواڻ

اطلاعات کاتي جي آفيسر ۽ سندس پٽ خلاف فوري ڪارروائي ڪئي وڃي: عزيز الله ڏيرو ۽ ٻيا

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) پاڪستان تحريڪ انصاف ضلع بدين جي صدر عزيز الله ڏيرو جنرل سيڪريٽري حاجي غلام رسول ميمڻ اطلاعات سيڪريٽري لالا نواز شيخ بدين شهر جي وارڊ نمبر 7 ۾ پي ٽي آءِ جي نامزد ڪائونسلر جي اميدوار اياز ميمڻ تي سنڌ جي اطلاعات کاتي جي هڪ اعلي آفيسر جي پٽ اسد چلگيري حملو ڪري سخت زخمي ڪرڻ جي سخت مذمت ڪندي چيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

اقليتي طبقن جي حقن کي يقيني بڻائڻ اسان سڀني جي ذميواري آهي: ڊپٽي ڊائريڪٽر

وقت جي ضرورت آهي ته ٻارڙن جي تعليمي حق کي يقيني بڻائڻ لاءِ جوڳا اپاءَ ورتا وڃن

حقن کي پائمال ڪندڙ سماجي ريتن رسمن جو خاتمو به علم جي ڦهلاءِ ذريعي ممڪن آهي

ثناءالله لغاري، زليخا انصاري، خالده کهيري، اقرا، رافعا ۽ اقصا پڻ خيالن جو اظهار ڪيو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) انساني حقن جي عالمي ڏهاڙي تي سماجي ڀلائي واري کاتي ۽ اين جي اوز آر ڊي ايف ۽ آئي آر سي جي تعاون سان ڳوٺ حيات خاصخيلي ۾ ٻوڏ متاثرين سان گڏ ملهايو ويو ٻارڙن ۽ عورتن لاءِ جوڙيل محفوظ جڳهه تي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سڪرنڊ ۾ ناري ميرزادي شيخ جي
پراسرار طور گم ٿيڻ بعد سندس
وارثن جو احتجاج

نوابشاهه (رپورٽر) سڪرنڊ پنج ڏينهن اڳ ٽنڊو محمد خان ۾ ٻينڙو فقير پنڊ دوران 13 ورهين جي ناري ميرزادي شيخ جي پراسرار طور گم ٿيڻ بعد سندس ماءُ مسمات رحيمان ۽ نانو علي خان رحيم شاهه دلبر شيخ پاران ميڊيا اڳيان روئيندي ٻڌايو ته اسان مسڪين فقير آهيون ۽ اسان جي ڪنهن سان ڪا دشمني ناهي ۾ گذريل پنج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

بدين: انساني حقن جي عالمي ڏهاڙي تي سيمينار منعقد

دادو جي فرحان ڪالوني جو رهواسي سهيل علي ابڙو پاران نادرا عملي خلاف احتجاج

عملو شناختي ڪارڊ ڊس ايبلٽي ۾ ٺاهي ڏيڻ لاءِ پنجاهه هزار رپيا رشوت طلب ڪري رهيو:الزام

ڪورٽ سڳوري منهنجي درخواست ايف آئي اي کي اماڻڻ بعد نادره انچارج مون تي مچرجي پيو

دٻاءَ وجهي پيو ته درخواست واپس وٺ لکت ۾ ٺاهه ڪر جئين منهنجي نوڪري بچي سگهي:ڳالهيون

دادو(ن سنڌيار) دادو جي فرحان ڪالوني جو رهواسي سهيل علي ابڙو پاران دادو جي نادره آفيس انچارج خلاف احتجاج ڪندي ڏانهيو ته نادره انچارج فياض جيڪو منهنجو جائز مسئلو آهي شناختي ڪارڊ ڊس ايبلٽي ۾ ٺاهي ڏيڻ لاءِ مٿينا پنجاهه هزار رپيا رشوت طلب ڪري رهيو آهي جڏهن ته اهڙي درخواست مان دادو ڪورٽ ۾ داخل ڪرائي ته ان کان پوءِ نادره انچارج جان جو ويري بڻجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٽنڊو محمد خان جي خانگي اسڪول نيوارا ڊجيٽل ۾ ثقافتي ڏهاڙو ملهايو ويو

پروگرام ۾ اسڪول جي شاگردن، شاگردياڻين ۽ استادياڻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

تقريب ۾ شاگردن پاران مختلف ٽيبلو پيش ڪري ثقافتي پروگرام کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا

ثقافت جي باري ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ آهي اجرڪ اسان کي موهن جي دڙي ۾ به مليو آهي:عملدار

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفرعلي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي خانگي اسڪول نيو ارا ڊجيٽل اسڪول ۾ سنڌي ثقافتي ڏيهاڙو وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو ثقافتي پروگرام ۾ اسڪول جي شاگردن، شاگردياڻين ۽ استادياڻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي شاگردن پاران مختلف ٽيبلو پيش ڪري ثقافتي پروگرام کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا ننڍڙي شاگردن ۽ شاگردياڻين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

لاڙڪاڻي ويجهو تعلقي
ٿائي جي حد ۾ ڪار ۽ موٽر
سائيڪل ۾ ٽڪر

لاڙڪاڻو (رپورٽر)لاڙڪاڻي ويجهو تعلقي ٿائي جي حد لاڙڪاڻو باءِ پاس روڊ تي گذريل رات دير سان تيز رفتار ڪار ۽ موٽر سائيڪل ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ قمبر ريلوي ڪالوني واسي 4 ڄڻا 18 سالن جو راشد پٽ خان محمد وڏو، 15 سالن جو عجب گل ولد راحب سومرو، 12 سالن جو انيس هڪڙو ۽ 13 سالن جو ضمير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٽنڊو محمد خان: خانگي اسڪول نيوارا ڊجيٽل ۾ ثقافتي ڏهاڙو ملهايو ويو

واره ۾ شهرين پاران نوجوان درزي غفار مرڪنڊ جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

درزي غفار مرڪنڊ جي بازيابي لاءِ دانهي رهيا آهيون پر ڪو به تدارڪ نٿيو آهي:مظاهرين

درزي عبدالغفار مرڪنڊ جي بازيابي لاءِ سندس وارثن جا مختلف شهرن ۾ مظاهرا ڪيا ويا

اسان جو بي ڏوهي نوجوان ظاهر ڪري آزاد ڪرائي ڏنو وڃي نه ته احتجاج وسيع ڪنداسين

وارهه (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) وارهه مهينو اڳ ڪنهي گر ڪيل نوجوان عبدالغفار مرڪنڊ آزاد نه ٿي سگهيو وارثن طرفان مرد ۽ عورتن سميت احتجاج آزادي جو مطالبو وارهه کان روزگار لاءِ ڪراچي ويل درزڪو ڪم ڪندڙ نوجوان عبدالغفار مرڪنڊ 10 نومبر تي صبح جو 5 بجي ڪراچي ڪورنگي بلال ڪالوني مان نقاب پوش هٿان کنيجي ويو هو درزي عبدالغفار مرڪنڊ جي بازيابي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

نوشهروفيروز انسٽيٽيوٽ آف نرسنگ ۾ ثقافتي پروگرام منعقد ڪيو ويو

وڏي تعداد ۾ انسٽيٽيوٽ جي شاگردن شاگردياڻين توڙي استادن شرڪت ڪئي

ڪهاڙي اسان جو شان آهي اسان سنڌ ڌرتي تان پنهنجي جان قربان ڪنداسين:اڳواڻ

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) نوشهروفيروز انسٽيٽيوٽ آف نرسنگ ۾ ثقافتي پروگرام منعقد ڪيو ويو انسٽيٽيوٽ جي شاگردن شاگردياڻين توڙي استادن شرڪت ڪئي پروگرام ۾ سنڌي ڪيپ ۽ اجرڪ پائي رقص پڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٽنڊو باگو جي صحافي ۽ پريس ڪلب جي اڳوڻي صدر جي گهرواري جي تعزيت

صحافي محمد سليم ميمڻ جي گهرواري جي وفات تي سائنس تعزيت جو سلسلو جاري آهي

حاجي سائين بخش جمالي، پيپلز يوٿ ونگ ضلع بدين جي صدر خانصاحب جمالي تعزيت ڪئي

ٽنڊوباگو(رپورٽ:سهيل سمون) ٽنڊو باگو جي سينئر صحافي ۽ پريس ڪلب جي اڳوڻي صدر محمد سليم ميمڻ جي گهرواري جي وفات تي صوبائي وزير سيد علي بخش شاهه عرف پپو شاهه، پ پ پ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ٽنڊو باگو: پريس ڪلب جي اڳوڻي صدر جي گهرواري جي تعزيت

ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهزيب شيخ پاران مختلف علائقن جو دورو

نوشهرو فيروز، ڪنڊيارو، ڀريا سٽي، ڪنڊيارو، هالاڻي، ڪوڙتي محمد ڪبير جو دورو

ڪوڙتي محمد ڪبير کان خانواهڻ روڊ تان بارش جو پاڻي نيڪال ڪرائڻ جون هدايتون جاري

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهزيب شيخ اڄ ضلعي نوشهرو فيروز جي مختلف علائقن جو دورو ڪيو ڊپٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ايف آءِ اي شهيد بينظير آباد پاران گرفتار ٽن جوابدارن کي ريمانڊ لاءِ پيش ڪيو ويو

جوابدارن کي سيڪنڊ سول جج جي سيڪنڊ سول جج جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو

جوابدارن کي 14 ڊسمبر تي بئنڪنگ ڪورٽ ۾ پيش ڪرڻو آهي: ايف آءِ اي عملدار

نوشهرو فيروز (ڊ ر) ايف آءِ اي شهيد بينظير آباد پاران گرفتار ٽن جوابدارن کي ريمانڊ لاءِ پيش ڪيو ويو جوابدارن کي سيڪنڊ سول جج نوشهروفيروز جي سيڪنڊ سول جج جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو ۽ عدالت کي ايف آئي اي جي جاچ آفيسر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

گڏاپ جي علائقي سومار ڪنڊائي ڳوٺ ۾ هڪ روزا ثقافتي راند ملاڪڙي جو اهتمام

سومار ڪنڊائي ڳوٺ ۾ اعجاز حنيف خاصخيلي پاران ثقافتي راند ملهه جو اهتمام ڪيو ويو

قومي عوامي تحريڪ ڪراچي ڊويزن جي سينيئر نائب صدر ڪاشف خاصخيلي ۽ ٻين پاران شرڪت

ڪراچي (رپورٽر) گڏاپ جي علائقي سومار ڪنڊائي ڳوٺ ۾ هڪ روزا ثقافتي راند ملاڪڙي جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ جي نالي وارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

گڏاپ: سومار ڪنڊائي ڳوٺ ۾ هڪ روزا ثقافتي راند ملاڪڙي جي تقريب منعقد

ميونسپل انتظاميا جي نااهلي سبب مک روڊ گندي پاڻي جو تلاءُ بڻجي ويو

سئنيما چونڪ، نيو چونڪ، ڪچهري روڊ تي گٽر ابلڻ سبب رستن تي پاڻي بيهجي ويو

گٽرن جو پاڻي بيهجي وڃڻ سبب ڪاروبار متاثر ٿئي ٿو بيمارين پڻ پيدا ٿين ٿيون

دادو(ن سنڌيار) ميونسپل انتظاميا جي نااهلي سبب شهر جا مک روڊ گندي پاڻي جي تلاءُ ۾ تبديل، دادو شهر جي مک علائقن اسٽيشن روڊ سئنيما چونڪ، نيو چونڪ، ڪچهري روڊ تي گٽر ابلڻ سبب رستن تي پاڻي بيهجي ويو، شهري توڙي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ايريگيشن ٽريڊ يونينز فيڊريشن جو صوبائي صدر عمري جي سعادت ڪري پهتو

ايريگيشن ٽريڊ يونينز فيڊريشن صدرن ڊويزن يونٽ دادو پاران ڊنل دعوت تي دادو پهتا

مهمانن کي دعا چونڪ دادو اڳيان گلن جا تحفا پيش ڪري شاندار نموني سان استقبال

دادو(رپورٽ:عزيزالله خاصخيلي) دادو آل سنڌ ايريگيشن ٽريڊ يونينز فيڊريشن جي صوبائي صدر مياں عبدالرحيم ٻارو عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ بعد آل سنڌ ايريگيشن ٽريڊ يونينز فيڊريشن صدرن ڊويزن يونٽ دادو پاران ڊنل دعوت تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

دادو: ايريگيشن ٽريڊ يونينز فيڊريشن جو صوبائي صدر عمري جي سعادت ڪري پهتو

ڪوٽڏيجي پريس ڪلب جي باڊي ۾ امام علي شاهه بخاري 25 ٻيهر بنامقابلي ڪامياب

سيد امام علي شاهه بخاري ۽ ٻين عهديدارن ۽ ميمبرن جي مان ۾ شاندار آجياڻو پيش ڪيو ويو

ڪوٽڏيجي جي صحافي بادشاهه گوپانگ طرفان اقراءِ ريسٽورنٽ ڪوٽڏيجي ۾ شاندار آجياڻو ڏنو ويو

ڪوٽڏيجي (رپورٽر) پريس ڪلب ڪوٽڏيجي جي سال 2023 جي باڊي ۾ 25 ٻيهر بنامقابلي نئين چونڊجي آيل صدر سيد امام علي شاهه بخاري ۽ ٻين عهديدارن ۽ ميمبرن جي مان ۾ شاندار آجياڻو، صحافي متحد ۽ منظر ٿين شهيد ارشد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ڪڪڙ ۽ خانپور ۾ قائم ڪيل يوٽيلٽي اسٽور جي انچارج جون من مستيون

خانپور جي شهرن لاءِ قائم ڪيل يوٽيلٽي اسٽورن عوام کي رليف نه ڏئي سگهيا

مسڪين کي ڏيڻ بدران باٿر ماڻهن ۽ دڪانن ۾ سري عام وڪرو ڪري رهيو آهي

ڪڪڙ (رپورٽر) ڪڪڙ ۽ خانپور ۾ قائم ڪيل يوٽيلٽي اسٽور جي انچارج جون من مستيون جاري اٽو گيهه کنڊ دڪانن ۽ باٿر ماڻهن کي وڪرو غريب مسڪين سستي کنڊ گهه ۽ اٽي کان محروم ڪڪڙ ۽ خانپور جي شهرن لاءِ قائم ڪيل يوٽيلٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

پيپلزپارٽي جي سينيئر اڳواڻ غلام حيدر شاهه لڪياري جو وڏو پٽ لاڏاڻو ڪري ويو

مرحوم جي جنازي نماز ۾ سانگهڙ جي سياسي ۽ سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

مرحوم جي جنازي نماز ۾ سانگهڙ جي سياسي ۽ سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

سانگهڙ (رپورٽ: ذوالفقارعلي شاهه) سانگهڙ پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ سيد غلام حيدر شاهه لڪياري جو وڏو پٽ سيد علي مردان شاهه لڪياري دل جو دورو پوڻ سبب وفات ڪري ويو، تفصيل موجب! ٽنڊومٺاخان جي سياسي ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سانگهڙ: "پ پ اڳواڻ غلام حيدر شاهه لڪياري جي پٽ جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي پئي وڃي

عادلپور ويجهو سنڌي ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان ڳوٺ راڻو مهر ۾ تقريب منعقد

سيف جي سهڪار سان هلندڙ مشعل ماڊل اسڪول راڻو مهر ۾ شاندار تقريب منعقد ٿي

شاگردياڻين سنڌ جي رنگن ۾ رنگجي سنڌ جي هزارين سال پراڻي تهذيب کي اجاگر ڪيو

تقريب ۾ مهمان طرفان پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي انعام پڻ ڏنا ويا

عادلپور (رپورٽ:اسلم مهر) عادلپور ويجهو سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي سهڪار سان هلندڙ مشعل ماڊل اسڪول راڻو مهر ۾ سنڌي ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ثقافت جهلڪي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

عورتن جي ڀلائي واري کاتي پاران
جي روڪ ٿام ۽ ڳوٺاڻي عورتن
جي حقن بابت سيمينار

سڪرنڊ (رپورٽ) عورتن جي ڀلائي واري کاتي شهيد بينظيرآباد پاران ۽ مٽڙ جي روڪ ٿام ۽ ڳوٺاڻي عورتن کي پنهنجي حقن بابت جاڻ ڏيڻ لاءِ هڪ آگاهي سيمينار سڪرنڊ پرسان ڳوٺ رهمون ڪيريو ۾ منعقد ڪيو ويو ان موقعي تي سيمينار کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڊائريڪٽر وومين ڊيولپمينٽ شهيد بينظيرآباد نسير حسن مستوئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

عادلپور: سنڌي ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان ڳوٺ راڻو مهر ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي

ڪشمور تعلقه بار جون چونڊون، جيئي لطيف پينل جا اميدوار ڪامياب قرار

بار جي چونڊن ۾ الشهباز ۽ جيئي لطيف پينل جي اميدوارن جي اليڪشن ٿي گذري

چونڊ ۾ جيئي لطيف پينل جو عبدالرئوف ڪوسو 50 ووٽ کڻي تعلقه بار جي صدر ٿي ويو

ڪشمور(رپورٽ:اصغر علي چانڊيو) ڪشمور تعلقه بار جون چونڊون ٿي گذريون جيئي لطيف پينل جا اميدوار ڪامياب قرار ڪشمور تعلقه بار جي چونڊن ۾ الشهباز پينل ۽ جيئي لطيف پينل جي اميدوارن جي اليڪشن ٿي گذري جيئي لطيف پينل جو عبدالرئوف ڪوسو 50 ووٽ کڻي ڪشمور تعلقه بار جي صدر طور ڪامياب ٿيو ۽ الشهباز اميدوار نثار احمد سومرو 29 ووٽ کڻي سگهيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سماجي اڳواڻ اعجاز ممنائي جي شايع ٿيل 4 ڪتابن تي ادبي ويهڪ تقريب

شاعر اور سماجي اڳواڻ اعجاز ممنائي جي چئن ڪتابن تي ادبي ويهڪ تقريب ٿي گذري

مهانگائيءَ واري دور ۾ ڪتاب لکڻ ۽ شايع ڪرائڻ ڪنهن جهاد کان گهٽ ناهي: عبداللطيف سولنگي

سوچيو آهي ته هرحال ۾ لکندو آهيان انڪري قلم جو سهارو وٺي اندر جي آواز کي ڪاغذ تي لکيو: اعجاز ممنائي

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) انٽرنشنل رائٽرز فورم پاڪستان صوبه سنڌ پاران پريس ڪلب پرياسٽي ۾ ناميارا ڪالم نويس،محقق، اديب، شاعر اور سماجي اڳواڻ اعجاز ممنائي جي شايع ٿيل چئن ڪتابن تي ادبي ويهڪ تقريب ٿي گذري جنهن جي صدارت سينئر قلمڪار نصير ملاح، ڪئي جڏهن ته علائقي جي ادب دوست شاعرن ۽ سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ايس ايس پي شڪارپور جي نگراني ۾
پوليس پاران ڪارروايون، 4 ڄڻا اغوا
ٿيڻ کان بچي ويا

شڪارپور (رپورٽر) ايس ايس پي شڪارپور فيضان علي جي نگراني ۾ ٽيڪنيڪل ۽ اسپيشل ٽيم جو شاندار ڪارنامو عورتاڻي آواز تي هرڪجي 4 ڄڻا اغوا ٿيڻ کان بچايا ويا شڪارپور پوليس پاران عورتن جي آواز ۾ پيار ۽ محبت جو دوکو ڏئي ماڻهن کي ڦٽنگ لاءِ اغوا کان بچائڻ لاءِ هلندڙ مهم جي تسلسل ۾ وڏي ۽ شاندار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

نوشهروفيروز: سماجي اڳواڻ اعجاز ممنائي جي شايع ٿيل 4 ڪتابن تي ادبي ويهڪ تقريب منعقد

دڙي ۾ سنڌ ڪلچرل فورم پاران زرعي تربيتي ادارو قائم نه ڪرڻ خلاف احتجاج

بدين ۽ ٽنڊو محمد خان ضلعن ۾ زرعي ٽريننگ جو ادارو قائم نه ڪرڻ خلاف احتجاج

سنڌ ڪلچرل فورم پاران صادق لاکو ۽ مرتضيٰ اوٺو جي اڳواڻي ۾ ٽيڪسي اسٽينڊ کان گشت

مالوند ماڻهو ۽ انهن جو اولاد مذڪور سهولت کان محروم مڪمل طور تي اڻڄاڻ آهي:مظاهرين

دڙو (رپورٽ:شوڪت ميمڻ) دڙي ۾ سنڌ ڪلچرل فورم پاران زرعي تربيتي ادارو قائم نه ڪرڻ خلاف احتجاج. جسقم، عوامي تحريڪ، سنڌي ادبي سنگت سميت ٻين پارٽين جي اڳواڻن جي شرڪت، سجاول، ٺٽو، بدين ۽ ٽنڊو محمد خان ضلعن ۾ زرعي ٽريننگ جو ادارو قائم نه ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو سنڌ ڪلچرل فورم پاران صادق لاکو ۽ مرتضيٰ اوٺو جي اڳواڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سيلاب متاثرين ۽ مستحق ٻارڙن جي مدد لاءِ نئون ديرو ۾ ٻارڙن ۾ گرم ڪپڙا ورهايا ويا

گوئنگ ٽري جي سهڪار سان سرتيون سکيا سينٽر جي سرواڻ خالد ڪوري پاران سامان تقسيم

نياڻيون آن لائن ذريعي گهرويٺي هنر ۽ تعليم مان ناڻو ڪمائي گهروارن جو سهارو بڻجي سگهن:اڳواڻ

استادن سماجي تنظيمن پاران مستحق ٻارن کي گرم ڪپڙا ڏيڻ تي سماجي اڳواڻن جي ان عمل جي ساراهه ڪئي

نئون ديرو (رپورٽ شاد محمود پٺو) سيلاب متاثرين ۽ مستحق ٻارڙن جي مدد لاءِ نئون ديرو ۾ گوئنگ ٽري جي سهڪار سان سرتيون سکيا سينٽر جي سرواڻ خالد ڪوري پاران شهر ۽ ان جي پرواري علائقن جي اسڪولن ۾ پهچي مستحق ٻارڙن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

لاڙڪاڻي جي عدالت پوليس گاڏي
جي ٽڪر ۾ فوت ٿيل نوجوان جي
ڪيس ۾ 8 سال قيد

لاڙڪاڻو(رپورٽر)لاڙڪاڻي جي عدالت پوليس گاڏي جي ٽڪر ۾ فوت ٿيل نوجوان جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي پوليس اهلڪار کي 8 سال قيد 42 لک 63 هزار روپيا وارثن کي ديعت جي رقم ڏيڻ جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي. رپورٽ موجب لاڙڪاڻي جي ڇهين ايڊيشنل سيشن ۽ ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ جي جج لاڙڪاڻي شهر پرسان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

نئون ديرو: سيلاب متاثرين ۽ مستحق ٻارڙن جي مدد لاءِ نئون ديرو ۾ ٻارڙن ۾ گرم ڪپڙا ورهايا ويا

گورنمينٽ بوائز هاير سيڪنڊري اسڪول وارهه ۾ ثقافتي پروگرام جي تقريب منعقد

سي ايف سي ۽ اسڪول انتظاميه پرنسپال سائين الله جڙيو مغيري ۽ ٻين پاران شرڪت

پروگرام ۾ تعلقه پريس ڪلب وارهه جي صحافي دوستن طالب حسين چانڊيو، بشير احمد شريڪ

اهڙن پروگرامن سان اسڪولي شاگردن ۾ پنهنجي ثقافت جو رجحان پيدا ٿئي ٿو: عبدالاحد سوهو

وارهه (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) وارهه گورنمينٽ بوائز هاير سيڪنڊري اسڪول وارهه ۾ سي ايف سي ۽ اسڪول انتظاميه پرنسپال سائين الله جڙيو مغيري، سائين خليل احمد بروهي، سائين نوراحمد ٻگهيو، سي ايف سي مينيجر عبدالاحد سوهو صاحب، جي نگراني ۾ هڪ بهترين ثقافتي پروگرام جي تقريب منعقد ڪئي وئي پروگرام ۾ تعلقه پريس ڪلب وارهه جي صحافي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ڏيٺي لڳ ڳوٺ ڪنڊو فقير جو پرائمري اسڪول ڪيتري وقت کان وٺي زبون حالي جو شڪار

شڪار ڇاپڙ ڪرڻ روز جو معمول بڻيل، 85 معصوم ٻارڙا تنبو هيٺ تعليم پرائڻ تي مجبور آهن

نيڪ مرد غلام حيدر، ايس ايم سي جي چيئرمين فدا حسين، ديدار علي پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو

ڪنڊو فقير جي اسڪول جي نئين عمارت تعمير ڪرائي معصوم ٻارڙن جون حياتيون بچايون وڃن:اڳواڻ

ڏيٺي(رپورٽ:سهيل سمون) ڏيٺي لڳ ڳوٺ ڪنڊو فقير جو پرائمري اسڪول ڪيتري وقت کان وٺي زبون حالي جو شڪار ڇاپڙ ڪرڻ روز جو معمول بڻيل، 85 معصوم ٻارڙا تنبو هيٺ تعليم پرائڻ تي مجبور آهن. ڳوٺ جي اسڪولي شاگردن نيڪ مرد غلام حيدر، ايس ايم سي جي چيئرمين فدا حسين، ديدار علي، ٻين جي اڳواڻي ۾ اسڪول اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته ڳوٺ ڪنڊو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

لاڙڪاڻي شهر جي الهه آباد ٿاڻي
جي حد پيپلز بس سروس جي گاڏي
مٿان فائرنگ، جاچ شروع

لاڙڪاڻو(رپورٽر) لاڙڪاڻي شهر جي الهه آباد ٿاڻي جي حد پيپلز بس سروس جي گاڏي مٿان هٿياربندن فائرنگ ڪري ڏني اطلاع تي حد جي پوليس پهچي تفصيل وٺي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. ان موقعي تي پيپلز بس سروس جي ڊرائيور حاڪم علي بروهي ٻڌايو ته اسان الهه آباد ٿاڻي شاهه وٺان مسافر کڻي باقراڻي ٽاور تي ٻيا مسافر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ڏيٺي: ڳوٺ ڪنڊو فقير جو پرائمري اسڪول زبون حالي جو شڪار سبب تعليم متاثر

جان محمد سوسائٽي ويجهو سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي تعاون سان پروگرام

ماڊل ايليمينٽري اسڪول عدر مهر ۾ سنڌ جي ثقافت جو ڏينهن جي حوالي سان پروگرام منعقد

ٽوپيون اجرڪ پائي تقريرن، ٽيبلوز،خاڪن پيش ڪري قومي گيتن تي رقص ڪري پيٽا پيش ڪيو ويو

سنڌ جو مستقبل روشن آهي اسان جي سنڌ جو ٻار تعليم جي ميدان پٺتي ناهي: پرنسيپال رحمت الله چنو

جان محمد سوسائٽي(غلام رسول مهر) پنهنجي ثقافت سان محبت جو اظهار ڪري دنيا تائين پنهنجي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ جي حوالي سان جان محمد سوسائٽي ويجهو سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي تعاون سان هلندڙ مهراڻ ماڊل ايليمينٽري اسڪول عدر مهر ۾ سنڌ جي ثقافت جو ڏينهن جي حوالي سان پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن جي صدارت اسڪول پرنسيپال رحمت الله چنو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني

سنڌيار

ايڊيٽر: اعجاز مهر

Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

آچر 11 ڊسمبر 2022ع

سنڌ جي زمينن تي قبضن جي نئين ڪوشش

سنڌ هن ملڪ جو اهو صوبو آهي جنهن زمينن، وسيلن، حدن، دنگن تي هر دور ۾ قبضا ڪيا ويا آهن. اهو قبضن جو سلسلو سترن اٺن ڏهاڪن کان جاري آهي ۽ اڃا تائين ان کي روڪيو نه ويو آهي. سنڌ اها سرزمين آهي جنهن جي وسيلن تي والار ڄڻ ته پنهنجو حق سمجهيو ويندو آهي. اسان جيئن ته پڇڙي جا آهيون ان ڪري اسان جي درياهه تي مٿي وارن جو ڏاڙو هميشه لڳندو رهندو آهي. هاڻي ته حالت اها ٿي وئي آهي جو فلڊ ڪئنال طور ڪڍيل چشما جهلم لنڪ ڪئنال ۽ تونسا پنجند لنڪ ڪئنال کي مستقل ڪئنال قرار ڏيڻ جون سازشون ڪيون پيون وڃن. اهو هن ريت جو هن سال ربيع جي موسم ۾ جڏهن سڄي سنڌ برساتن جي ڪري آيل ٻوڏ جو شڪار هئي ته سنڌ کي زرعي پاڻي جي ضرورت ڪانه هئي ۽ وڏو صوبو پاڻي پنهنجي مرضيءَ سان وهائيندو ۽ درياهه مان ڪڍندو رهيو. اهڙي ريت سي جي لنڪ ڪئنال سمورو وقت وهندو رهيو. سنڌ جا ماڻهو ته ٻوڏ جي تباهي جو شڪار رهيا ان ڪري انهن کي ٻين شين ڏانهن ڌيان ڏيڻ جو گهٽ موقعو نه مليو. پنهنجي اخبار جا صفحا شاهد آهن ته اسان ان سڄيءَ صورتحال ۾ ڪئنال وهائڻ ۽ پاڻي ڪٽ جون خبرون ڏيندا رهياسين پر سنڌ حڪومت انهن رپورٽن تي ڪو ڌيان ئي ڪونه ڏنو جنهن جي ڪري هي معاملو حڪومتي سطح تي نه کڄي سگهيو. هاڻي صورتحال اها بيهي سگهي ٿي ته ريڪارڊ ۾ پاڻي لنڪ ڪئنالن ۾ وهيو آهي اڳتي هلي پنجاب اهو ثابت ڪندو ته هي ته فلڊ نه پر مستقل ڪئنال آهي هنن سالن ۾ هيترو پاڻي ويو آهي سنڌ ان تي ڪو اعتراض به نه ڪيو آهي ان ڪري هاڻ هي ڪئنال مستقل وهايا ويندا. اڪثريت جي بنياد تي لاڳاپيل ادارن مان منظوري به ورتي ويندي ۽ اسان ڪجهه به نه ڪري سگهنداسين. ائين پاڻي تي قبضو مستقل ٿي ويندو.

ٻي وڏي خبر بدين ضلعي جي شهر سيراڻي جي آهي جتي ٻين صوبن جا ماڻهو آيا آهن ته 3 هزار ايڪڙ زمين هنن کي الاٽ ٿيل آهي. اها الاٽمينٽ به 50 سال پراڻي ٻڌائين ٿا. وٽن اهڙا ڪاغذ آهن جن جي ٻولي سمجهه ۾ به نه ٿي اچي. جڏهن ته ڳوٺن جي رهواسين کي حڪومت جون سندون مليل آهن هو زمينن ۾ ابن ڏاڏن کان رهندڙ ڪاهيندڙ آهن. ڳوٺاڻن هن پيري ته دعويدارن کي موٽائي ڇڏيو آهي پر ٿي سگهي ٿو ته هي وري اچن ۽ ڪا ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي پوي ان ڪري حڪومت کي سمجهداري سان پاڻي ۽ زمين جا معاملا حل ڪرڻ گهرجن ۽ پنهنجي رٽ قائم ڪرڻ گهرجي.

تعليم سڌارڻ لاءِ ڪنيل تڪڙا ۽ اهم قدم ساراهه جوڳا آهن

سيد زوار حسين شاهه

مان سمجهان ٿو ته تعليم جي بهتري لاءِ تمام اهم فيصلا هاڻ ٿي رهيا آهن. جڏهن انٽرنيشنل ٽرانسپيرنسي جي رپورٽ تي نظر پئي ته پاڪستان جي ٻين صوبن مان سنڌ جي تعليم انتهائي خراب آهي . گذريل سال جي تعليمي ريشو جي ڳالهه ڪندس ته تقريبن 23 فيصد مس نتيجو آيو ۽ شاگرد امتحانن ۾ پاس ٿيا جنهن ڪري تعليم منهنجي نظر ۾ تباهه ٿي چڪي هئي پر جهڙي ريت هن وقت سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر . يا وزيرتعليم سنڌ سيد سردار علي شاهه سيڪريٽري تعليم سنڌ غلام اڪبر لغاري به تعليم جي سڌاري لاءِ بهترين قدم کڻي رهيا آهن . جڏهن ته تعليمي ادارن اندر ٿيندڙ ڪوتاهين تي ڪڙي نظر رکڻ جي سخت ضرورت آهي جيڪڏهن سنڌ جي تعليم تي نظر وجهنداسين ته خاص طور سرڪاري تعليمي ادارن پوءِ اسڪولز هجن يا ڪاليجز هجن ڪو خاص ڏيئو ٻاري ناهين سگهيا . جنهن ڪري خاص سنڌ اندر تعليمي ادارن مٿان تنقيد ٿيندي رهي آهي پر جڏهن کان وزيرتعليم سيد سردار علي شاهه . سيڪريٽري تعليم سنڌ تعليم دوست انسان غلام اڪبر لغاري ۽ ريجنل ڊائريڪٽر ڪاليجز ۽ ڊائريڪٽر تعليم سکر اسڪولز مقرر ٿيڻ بعد ڪافي خاص اپاءُ پڻ ورتا ويا آهن جنهن بعد ڪافي تعليمي ادارن اندر تبديلي به ڏسڻ ۾ اچي رهي آهي . پر سياسي مداخلت جي ڪري يا ڪجهه آفيسرن جي غلط فيصلن جي ڪري به ڪافي تعليم کي نقصان پهتو آهي اهڙن خيالن جو اظهار چيئرمين هيومن رائيٽس واچ پاڪستان سيد زوار حسين شاهه . صوبائي صدر فقير محمد عباسي مجاهد حسين وساڻ ۽ ٻين ڪيو هنن وڌيڪ چيو ته هن وقت تعليم جي بهتري لاءِ تاريخي فيصلا پيا ٿين . جڏهن ته گذريل ٿي ڏينهن اڳ هاءِ ڪورٽ سنڌ جي ان فيصلي جنهن ۾ ضلعي اندر تمام سيشن جج صاحبان کي مڪمل اختيار ڏنا ويا آهن تاڪه هو اسڪولز ڪاليجز جو وزٽ ڪن . گهوٽ ٽيچرس . انتظامي امور ۾ غفلت ڪندڙن غير حاصل رهندڙن تي ڪڙي نظر رکن جڏهن ته تعليم کي بهتر بڻايو وڃي . سنڌ جي غيرت مند سماج سڌارڪن ميڊم صنم راڄپر آصف علي قلپوٽو عبدالله سومرو . منظور انصاري . انور ناريجو علي امداد لاڙڪ نجيب علي جنيد ميمڻ ۽ پڻ ان فيصلي جي تعريف ڪئي ٻئي پاسي وزيرتعليم سنڌ سيد سردار علي شاهه . سيڪريٽري تعليم سنڌ غلام اڪبر لغاري جي حڪمن تي عمل ڪندي ريجنل ڊائريڪٽر ڪاليجز سکر پروفيسر عبيدالله ناريجو . ڊائريڪٽر تعليم سکر حافظ ڊاڪٽر عبدالوحيد انڍڙ عمل ڪندي ڪاليجز ۽ اسڪول انتظاميه کي پابند بڻايو آهي ته جيڪي عربي ٽيچرس آهن .اهي هر روز صبح اسيمبلي دوران قرآن پاڪ جي پڙهيل آيت جو ترجمو ڪن . پي ٽي ٽيچرس . شاگردن . ساگرديائين کي پي ٽي سيڪارين . جڏهن ته فزيڪل ذهني طور ٻارن کي تيار ڪيو وڃي . جڏهن ته لکين روپيا پگهار کڻندڙ ٽيچرس ڪڏهن ڪلاس ورتا ئي ناهين جڏهن ته ويزا تي ويل ٽيچرس گهوٽ ٽيچرس جو هاڻي گهيرو تنگ ٿي چڪو آهي جڏهن ته سنڌ جي بهترين تعلي ماهر ڊائريڪٽر سکر حافظ ڊاڪٽر عبدالوحيد انڍڙ سٽي پريس ڪلب جي صحافين ڪالم نگار سيد زوار حسين شاهه غير رسمي گفتگو ڪندي چيو ته هن وقت سوشل ميڊيا جديد پرنٽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جو قوت آهي جيڪو به ڪوتاهي ڪندو اهو هاڻ گهر به ويهندو ۽ ان خلاف قانوني ڪاروائي به ٿيندي . هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي تعليم کي بهتر بنائڻ لاءِ اهم قدم ڪنيا پيا وڃن . جنهن بعد انشاءَ الله تاريخي تبديليون ڏسڻ ۾ اينديون . سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر جي اهم حڪمن بعد هاڻ وزير تعليم . سيڪريٽري تعليم سميت ڊائريڪٽرس ۽ ٻيا آفيسر به تعليم تي گهري نظر رکي رهيا آهن هاڻ غلطي جي گنجائش ناهي جڏهن ته قابل احترام جج صاحبان سنڌ جي تمام اسڪولز ڪاليجز جو دور ڪن پيا جڏهن ته وزيرتعليم سنڌ سيد سردار علي شاهه ۽ سيڪريٽري تعليم سنڌ غلام اڪبر لغاري تعليمي ادارن مٿان نظر رکن پيا وزٽ پڻ ڪن پيا انشاءَ الله تعليم جي شعبي اندر ٻين صوبن کان بهترين نتيجو ڏينداسين بشرطيه استاد . شاگرد . والدين . سماجي اڳواڻ . صحافي . اسان سان ساٿ ڏين . بند پيل اسڪولن . گوسڙو ٽيچرس ليٽ اورس اينڊڙ استاد . ويزا تي ويل استادن سميت انتظامي امور ۾ غفلت ڪندڙن جي نشاندهي ڪن جيئن انهن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري سنڌ جي تعليم کي بهتر بڻائي سگهون سنڌ جي تعليم کي بهتر بنائڻ لاءِ اهم قدم کنيا پيا وڃن . . جيڪڏهن سنڌ اندر تعليم جي اداري اسڪولن ڪاليجز جي ڳالهه ڪندس ته اسان خوش نصيب آهيون جو انهن ادارن جي نگراني لاءِ بهترين آفيسر مقرر ٿيل آهن جنهن ۾ خاص سيڪريٽري تعليم سنڌ غلام اڪبر لغاري جي ڳالهه ڪندس جنهن انتهائي فرض شناسي سان بهترين ڪردار ادا ڪيو آهي ڪيترن ئي اسڪولن مٿان اچانڪ ڇاپا هڻي ڪيترائي راز افشان ڪيا آهن جڏهن ته شاگردن جي انرولمينٽ . استادن جي غير حاضري . گوسڙو استاد . ويزا تي ويل استادن . انتظامي امور ۾ سياسي مداخلت ۽ ڪوتاهي به شامل آهي جڏهن ته پوري سنڌ جا ريجنل ڊائريڪٽرس جيڪڏهن ٻين ڊويزن سميت خاص مان سکر جي ڳالهه ڪيان جتي ريجنل ڊائريڪٽر ڪاليجز پروفيسر عبيدالله ناريجو جڏهن ته ڊائريڪٽر تعليم سکر ڊاڪٽر حافظ عبدالوحيد انڍڙ جنهن به مختلف اسڪولن تي اچانڪ ڇاپا هڻي .يا سرپرائيز وزٽ ڪري ڪافي سڌارو آندو . جڏهن ته گوسڙو استادن . ويز تي ويل استادن جي شڪايت يا انتظامي امور ۾ ڪوتاهي ڪندڙن تي به گهري نظر رکي آهي جڏهن ته صبح سوير اسيمبلين ۾ پهچي به پنهنجو فرض ادا ڪيو آهي . برحال هن وقت سنڌ هاءِ ڪورٽ پڻ تاريخي فيصلو ڪيو آهي . پوري سنڌ جي سماج سڌارڪ شعور رکندڙان فيصلي تي پليڪار ڪن ٿا مان سمجهان ٿو ته سنڌ جي تعليمي تمام ادارن ۾ هن وقت منهنجي نظر ۾ ايمرجنسي لاڳو ٿي چڪي آهي جيئن سخت کان سخت تڪڙا قدم کڻي ڪا تبديلي آڻي سگهون . مان اميد رکان ٿو ته انشاءَ الله تبديلي هرحال ضرور به ضرور ايندي . جيڪڏهن اهڙن سخت فيصلن بعد به ڪا تبديلي نه آئي ته پوءِ شايد هي سنڌ اڳتي ترقي نه ڪري سگهي . اربين روپين جي بجيٽ مهيا ڪرڻ باوجود به تعليم اندر سڌارو نه اچي ته پوءِ وري ڪي سخت فيصلا ڪرڻا پوندا پر مان اها به گزارش ڪندس ته سنڌ اندر بهترين ساک رکندڙ سماج سڌارڪن کي به والنٽيرلي اجازت ڏني وڃي ته هو به اسڪولز ڪاليجز جي وزٽ ڪري ضلع سميت ڊويزن ۽ سنڌ جي آفيسرن کي رپورٽ ڪن اهڙي فيصلي سان به تعليمي ادارن ۾ بهترين تبديلي اچي سگهي ٿي .ان ڪري هن تجويز تي به وزير تعليم سنڌ سيڪريٽري تعليم سنڌ ڊائريڪٽرس کي به سوچڻ گهرجي . هي تجربو ڪامياب به ٿي سگهي ٿو . جڏهن ته قابل احترام جج صاحبان به وزٽ ڪن پيا جنهن سان به تاريخي فرق پوندو ۽ تعليمي ادارن اندر پڙهائي به بهتر ٿيندي . استاد به غير حاضر نه رهندا ان ڪري هاءِ ڪورٽ سکوري جي فيصلي تي مڪمل عمل ٿيڻ جي ضرورت آهي جيئن تعليم اندر تبديلي آڻي هڪ تاريخ رقم ڪجي . جڏهن ته ڊائريڪٽر تعليم سکر پڻ تعليم کي بهتر بنائڻ لاءِ تڪڙا مفيد فيصلا پيو ڪري .

سِڪڻُ ۽ سُوري، ٻئي اَڪَرِ هيڪڙي؛
وِهڻُ وانٽِيُن تي، ڪارڻُ ضرورِي؛
ٻِنهي جِي پُورِي، جِيءَ ڏني رِيَ نه جُڙي.

سياستدانن کي عوام جي ڪيل خدمت ئي ياد ڪرائيندي

خالد طاهراڻي

هڪ هر دل عزيز سياستدان جي حيثيت سان سيد اعجاز علي شاهه شيرازي جي جدائي سجاول ۽ ٺٽي ضلعن جي عوام جي اکين کي پرنم ڪري ڇڏيو آهي. اڄ مرحوم اعجاز علي شاهه شيرازي جي ٻي ورسي آهي پر سندس جدائي جو غم بلڪل تازو محسوس ٿي رهيو آهي. اعجاز شاهه جون يادگيريون زندگيءَ جي ڏڏين ۽ گرم شامن ۾ هڪ ڏيئي وانگر آهن. سائين اعجاز شاهه شيرازي جي هر دلعزيزي جو اندازو ان مان به لڳائي سگهجي ٿو ته ٻنهي ضلعن جو عوام خوشي هجي يا غم ڪيس پاڻ سان ڳڏ محسوس ڪري ٿو مروج ٻولي ۾ ڪجهه لفظ ۽ اصطلاح مسلسل ۽ بي موقع استعمال ٿيڻ سبب پنهنجي اهميت وڃائي ويٺا آهن. انهن لفظن ۾ هڪ لفظ هردلعزيز پڻ آهي. اڄ ڪلهه چاپلوسي ۾ يا ڪنهن کي خوش ڪرڻ لاءِ ان شخص کي هردلعزيز ڪري پڪاريو ويندو آهي پر حقيقت اها هوندي آهي ته ان شخص جو نالو ٻڌڻ سان ئي ماڻهو بيزاري محسوس ڪندو آهي. اسان وٽ عام طور تي سياسي جلسن جلوسن ۾ مغرور، متڪبر ۽ انسان بيزار شخص کي اسٽيج سيڪريٽري هردلعزيز ڪري گهرائيندا ۽ ان کي خوش ڪرڻ لاءِ چاپلوسي جو سهارو وٺندا آهن پر عام معاشري ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ئي ماڻهو هردلعزيز هوندا آهن جيڪي هر ڪنهن کي عزيز هوندا آهن يعني سيني کي وڻندا آهن. ماڻهو انهن سان ملي خوشي جو اظهار ڪندا آهن انهن جي غيرموجودگي ۾ کوٽ محسوس ڪندا آهن. انهن وٽ گهڻو وقت ويهڻ کي به مختصر سمجهندا آهن. جيئن ڪنهن بزرگ جو قول آهي ته هر دلعزيز شخص اهو هوندو آهي جيستائين اهو زند هوندو آهي ماڻهو ان سان ملڻ لاءِ بيتاب هوندا ۽ جڏهن ان جو انتقال ٿئي ته ماڻهو ان جي غم ۾ لڙڪ ڳاڙين.

اعجاز شاهه شيرازي جو شمار به انهن هردلعزيز ماڻهن ۾ ٿئي ٿو هو جيستائين جيئرو رهيو ٻنهي ضلعن جي عوام جو پرچهلو رهيو هر هڪ ماڻهو کيس پنهنجو غمگسار سمجهندو هو. ماڻهو سندس اوطاق تي سائس ويهي ڪچهريون ڪرڻ ۽ سندس محفلن ۾ ويهڻ اعزاز سمجهندا هئا. ان سان ڳڏ وقت گذارڻ ۽ ويهڻ جي خواهش رهندي هئي پر پاڻ جڏهن هن وقت هن دنيا مان وڃي چڪا آهن ته سجاول ۽ ٺٽي جا ماڻهو کيس سٺن لفظن ۾ ياد ڪري رهيا آهن. جيتوڻيڪ اعجاز شاهه جو ڀاءُ شيرازي گروپ جو سرواڻ سيد شفقت حسين شاهه شيرازي ۽ سندس فرزند اياز علي شاهه شيرازي ڏينهن رات عوام جي خدمت واري ڪم ۾ رڌل آهن پر سيد اعجاز علي شاهه شيرازي جي کوٽ شدت سان محسوس ڪري سگهجي پئي. سيد اعجاز علي شاهه شيرازي ۾ خدا تعاليٰ تمام گهڻيون صفتون رکيون هيون. هڪ ته هن کي وڏائي ۽ تڪبر ڇهي به نه گذريو هو ٻيو پاڻ انتهائي سادا ۽ بلڪل عام ماڻهن وانگر عوام جي وچ ۾ ويهي سندن فيصلا ڪرڻ ۽ انهن جي مسئلن کي فيصلا ڪري جلد اڪلائڻ ۾ يقين رکندا هئا. پاڻ سياست کي هميشه عبادت جو درجو ڏنو ۽ عوام جي خدمت سندن اولين ترجيح هوندي هئي.

اعجاز شاهه شيرازي جيئن ته اهلبيت سان تعلق رکندڙ هو ان ڪري سندس پوري ڪوشش هوندي هئي ته سندس ڪمن ڪارين ۾ اهلبيت جو رنگ نظر اچي. ايثار قرباني ۽ پنهنجي تڪ جي عوام جي خدمت جو جذبو ڪيس سنڌ جي سمورن سياستدانن ۾ ممتاز رکندو هو ٻنهي ضلعن ۾ ٿيندڙ شادين مرادين، فوتگين ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ پهچندو هو يا شيرازي خاندان جو ڪو فرد ضرور اماڻي انهن جي خوشين ۽ غمن ۾ شريڪ ٿيڻ لازمي سمجهندو هو. سندس اها صفت ته ڪيس سڄي سنڌ جي سياستدانن ۾ ممتاز رکي ٿي. هڪ هردل عزيز سياستدان جي حيثيت سان اعجاز شاهه جي جدائي لکين ماڻهن جي اکين ۾ ڳوڙها آڻي دلين کي غمزده ڪري وڌو آهي. پاڻ جيتوڻيڪ هن وقت اسان وٽ جسماني طور موجود نه آهي پر سندس عوام جي خدمت وارو ڇڏيل مشن سندس ڀاءُ سيد شفقت حسين شاهه شيرازي، سندس فرزند ايم اين اي اياز علي شاهه شيرازي، ايم پي رياض شاهه شيرازي. سندس ڀائيٽو شاهه حسين شاهه شيرازي ۽ سندس خاندان جا ٻيا فرد جاري رکيو اچن پيا. سندن عوام سان بي لوث محبت ۽ عوام جي خدمت يقيناً سائين اعجاز شاهه شيرازي جي لاءِ صدقه جاريه هوندي. اسان جي دعا آهي خدا تعاليٰ اعجاز شاهه شيرازي کي سندس ڪيل عوامي خدمتن عيوض جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري ۽ سندس پوئلڳن کي به سندس نقش قدم تي هلندي ان وانگر هميشه عوام جي خدمت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

بقايا — سنڌيار — 01

وڳڻ ليڊي ٽيچر نيلي مريم ميمڻ کي بيان لاءِ طلب ڪيو ليڊي ٽيچر نيلي مريم ميمڻ ڊي ايس پي سٽي وٽ لکت ۾ پوليس اهلڪار دلبر لنجار کي معاف ڪري ڇڏيو پوليس اهلڪار دلبر لنجار غلطي تسليم ڪندي لکت ۾ ليڊي ٽيچر کان معافي پڻ ورتي نيلي مريم ميمڻ چيو ته پوليس اهلڪار کي معاف ڪيان ٿي، اڳتي هو تنگ نه ڪندو اهڙي پڻ هن معافي ورتي آهي ياد رهي ته ٽي ڏينهن اڳ ليڊي ٽيچر نيلي مريم ميمڻ دادو جي اي سيڪشن ٿاڻي تي پهچي پوليس اهلڪار دلبر لنجار خلاف اين سي رپورٽ داخل ڪرائي هئي ليڊي ٽيچر نيلي مريم ميمڻ ڄاڻايو هو ته پوليس اهلڪار اسڪول ايندي ويندي پيڇو ڪري ٿو ۽ دوستي رکڻ لاءِ تنگ ڪري ٿو ايس ايس پي دادو معاملي جو نوٽيس وٺندي پوليس اهلڪار کي معطل ڪري ڪواٽر گهاٽ ڪرڻ سان گڏ محڪماتي انڪوائري جا حڪم ڏنا هئا.

بقايا — سنڌيار — 02

ڪيو ويو شاگردن توڙي شاگردياڻين ثقافت سنڌي ٻولي ڪلچر توڙي مختلف موضوعن تي ٽيبلو پڻ پيش ڪيا شاگردن پاران جيئي سنڌ جيئي سنڌ وارا جيئڻ ڳائي محفل کي جهومائي ڇڏيو ان سلسلي آيل مهمانن ڊائريڪٽر نرسز پيپلز يونيورسٽي نواب شاهه پير بخش جوکيو بشير احمد پيرزادو عبداعزيز آخوند جبران علي جتوئي ۽ انسٽيوٽ جي اونر انتظار حسين مري پين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي ثقافت عظيم آهي ٽوپي اجرڪ پٽڪو ڪهاڙي اسان جو شان آهي اسان سنڌ ڌرتي تان پنهنجي جان قربان ڪنداسين اسان سنڌ جي پنج هزار سال پراڻي آهي اسين سنڌ امڙ جا وارث آهيون سنڌ جي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ اهڙا پروگرام ٿيڻ گهرجن اهڙن ثقافتي پروگرامن سان سنڌ جي نئين نسل کي اتساهه ملي ٿو هنن اهو وڌن ورجائيندي چيو ته هرسال ثقافت جو ڏينهن ڀرپور نموني ملهائينداسين.

بقايا — سنڌيار — 03

جنرل سيڪريٽري ضلع بدين حاجي سائين بخش جمالي، پيپلز يوٿ ونگ ضلع بدين جي صدر خانصاحب جمالي، مينيجر نيشنل بينڪ برانچ ٽنڊوباگو امتياز احمد سمون، سيد غلام حسين شاهه، رئيس شاهنواز خان جمالي ۽ ٻين تعزيت ڪئي.

بقايا — سنڌيار — 04

۽ بلوچستان جا 2500 کان وڌيڪ ملون لاڳاپيل آهن جتي 5 لک کان وڌيڪ ماڻهو روزگار ڪري رهيا آهن، وفاقي حڪومت معاملن کي حل ڪرڻ بجاءِ ويتر خاموشي جو مظاهرو ڪري مل جي واپارين توڙي مزدورن، هارين ۽ آبادگارن کي خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي جتي اسان کي چيو ويندو آهي ته 18 هين ترميم کان پوءِ صوبا توهان جا مسئلا حل ڪندا مسئلا حل نه ٿيڻ جي ڪري ملڪ جا زراعت سان لاڳاپيل ادارا هن وقت تائين معاشي بحران کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ هٿن وٺرائڻ لاءِ ڪا به پاليسي جوڙڻ لاءِ اسان سان ڪو به رابطو ناهي ڪيو هر روز وفاق توڙي صوبن طرفان ملن تي ڪيترن ئي نيون ٽيڪسون لاڳاپيون پيون وڃن جنهن ۾ سنڌ انوارمينٽ پروٽيڪشن ايجنسي، پراپرٽي ٽيڪس، ايڪسائيز ٽيڪس، ميونسپل ٽيڪس، سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي، سنڌ فوڊ اٿارٽي، سنڌ فوڊ ڊپارٽمينٽ، انڪم ٽيڪس، اولڊ ايج ڊپارٽمينٽ، ماپ وارو ادارو، مارڪيٽ ڪاميٽي، بئنڪاري، ليبر ڊپارٽمينٽ، خريد ۽ فروخت جا معاملا ۽ سڀ کان وڏو مسئلو واپڊا اداري جي آهي بجلي جي تازو آيل 2 مهينن جي بلن ۾ واڌو ٽيڪس هڪ جبري ايس آر او تحت لڳايل آهن جنهن خلاف هڪ مهيني کان اسين احتجاج جو چتاءُ ڏيندا پيا اچون پر ڪو به عملدار ٻڌڻ وارو ناهي، اسان نه ٿا چاهيون ته ڇاٽي واٽي بل بند ڪري ملڪي ادارن لاءِ مسئلا پيدا ڪيون تنهن ڪري اسان وزيراعظم پاڪستان، واپڊا ڪاتي جي وفاقي وزير، سيڪريٽري ۽ بجلي تقسيم ڪندڙ ادارن جي سربراهن کي ڪيترائي ڀيرا خط لکي چڪا آهيون پر ڪو به تدارڪ ٿيڻ بجاءِ ڳرا بل جاري ڪيا ويا آهن. هنن چيو ته برساتن جي تباهه ڪارين کان پوءِ فصل توڙي ملن اندر مشينري کي ڪروڙين روپين جو نقصان ٿيو آهي جڏهن ته بجلي جو بل معاف ٿيڻ بجاءِ ڳرا ٽيڪس لڳائي جاري ڪيا ويا آهن تنهن ڪري اسين سيپڪو، قيسڪو ۽ حيسڪو جي بجلي جا بل ڀري نه سگهنداسين چو ته اڳ به اسان برساتن سبب هڪ وڏي معاشي بحران جو شڪار آهيون تنهن ڪري اسان جي احتجاج جو نوٽيس وٺي ڳالهيون ڪري اضافي بل واپس وٺي رليف فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت 18 ڊسمبر کان پوءِ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا — سنڌيار — 05

ايچ او ڀورڙي هٽايو، وياجي پوليس اهلڪار کي گرفتار ڪريو جي نعريبازي ڪئي تفصيل موجب خيرپورناٿن شاهه ۾ ڳوٺ ٻلي واسي ملاح برادري پاران ڀورڙي پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو، ڳوٺاڻن محمد حسين ملاح، انور ملاح، خادم ملاح، علي مرتضيٰ ملاح، شاهن ملاح ٻين جي اڳواڻي ۾ پلي ڪارڊ کڻي ڪميونٽي سينٽر کان نيشنل پريس ڪلب تائين احتجاجي مظاهرو ڪيو، ڀورڙي پوليس خلاف ڇتي نعريبازي ڪئي! ايس ايچ او ڀورڙي هٽايو، وياجي پوليس اهلڪار کي گرفتار ڪريو جي نعريبازي ڪئي .ان موقعي تي مظاهرين جو چوڻ هو ته وياجي پوليس اهلڪار عبدالرسول سولنگي قاتلاڻو حملو ڪيو جنهن ۾ محمد حسين ملاح معجزاني طور بچي ويو، ڀورڙي ٿاڻي تي اهڙو ڪيس داخل ڪيو سين ته ايس ايچ او ۽ وڏو منشي 60 هزار روپين جي رشوت به ورتي ۽ پٽي پائي جو خيال رکندي قاتلاڻي حملي بدران هنگامي جا قلم شامل ڪيا ۽ ڪيس گرفتار به نه ڪيو ويو، پوليس اهلڪار ڌوهارين ماڻهن کان موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي، هنن آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد، ايس ايس پي دادو ۽ وس وارن اختيارين کان مطالبو ڪيو ته موتمار ڌمڪيون ڏيندڙ وياجي پوليس اهلڪار عبدالرسول سولنگي خلاف قانوني قدم کڻي اسان کي تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 06

ڪمشنر نوشهرو فيروز ، ڪنديا ڪاهي، پريا سٽي، ڪنڊيارو، هالاڻي، ڪوٽڙي محمد ڪبير ۾ بارشن جي پاڻي جي نيڪالي جو جائزو ورتو ۽ موقعي تي حڪم جاري ڪيا. ڊپٽي ڪمشنر چيو ته ضلعي مان مختلف هنڌن تان بارش جي پاڻي جي نيڪالي جي عمل کي تيز ڪيو وڃي . ڊپٽي ڪمشنر ڪوٽڙي محمد ڪبير کان خانواهڻ روڊ تان بارش جو پاڻي نيڪال ڪري علائقي واسين کي اچ وڃ جي سهولت فراهم ڪئي وڃي. ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سيد عمار حسين شاهه، ايڪسين ايريگيشن روهڙي ڊويزن ڪنڊيارو، ايڪسين ايريگيشن اسڪارپ نوشهرو فيروز نياز حسين راڄپر، اسسٽنٽ انجنيئر اسڪارپ احمد خان ڪاڪي پوٽو ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود هئا.

بقايا — سنڌيار — 07

جيبري ادا ڪيو وڃي،هن چيو ته ڪي پي ڪي،بلوچستان ۽ گلگت بلتستان ۾ حڪومتن طرفان ملازمن کي گروپ انشورنس ڏنو وڃي ٿو پنجاب پڻ ڏي ٿو پر اسان جي سنڌ حڪومت پنهنجي هوڏ تي قايم آهي سندن ڪنٽيل گروپ انشورنس ڪين نٿو ڏنو وڃي جڏهن ته سپريم ڪورٽ پڻ حڪم ڏيي چڪي آهي پر سنڌ حڪومت مڃڻ لاءِ تيار نه آهي هن چيو ته سنڌ حڪومت پنهنجي فيصلي تي نظر ثاني ڪري گروپ انشورنس،بينيويل فنڊ ۽ وزيراعظم طرفان اعلانيل 15٪ اضافو ادا ڪري ملازمن مان بيچيني ختم ڪري ٻي صورت ۾ سموري سنڌ جا هزارين رٽايرڊ ملازم ڪراچي ۾ گڏ ٿي سخت احتجاج ڪندا.ان کان اڳ پروفيسر محمد شريف رند ,جيوت رام,عبدالقادر چانڊيو,مير بهادرٽالپر,محمد حنيف عباسي منظورخاصخيل ,عبدالحيي منڊرو محمد اسلم ميمڻ رجب علي ميمڻ محمد اشرف ميمڻ ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو

بقايا — سنڌيار — 08

وڌيڪ رماند لاءِ درخواست ڏني ۽ چيو ته جوابدارن کي 14 ڊسمبر تي بئنڪنگ ڪورٽ ۾ پيش ڪرڻو آهي ۽ بئنڪنگ عدالت ۾ پيش ڪرڻ لاءِ وڌيڪ رماند گهربل آهي. عدالت جاچ آفيسر جي درخواست تي جوابدارن جو 14 ڊسمبر تائين رماند ڏئي ڇڏيو. جوابدارن ۾ سنڌ بئنڪ نوشهروفيروز برانچ جو مئنيجر مختيار چانڊيو، ذيشان لاڙڪ ۽ عطا حسين سهتو به شامل هئا.

بقايا — سنڌيار — 09

اسسٽنٽ ڪمشنر جواد لاڙڪ جي سهڪار سان آفيس ۾ بارش متاثرين بيواهه مستحق عورتن ۾ سردي کان بچاءَ لاءِ لاتعداد گرم ڪمبل تقسيم ڪيا ويا واضع رهي ته ايل ايس او ڪرن يونين همايون شريف سالن کان عورتن جي ڀلائي فلاح بهبود لاءِ مختلف مرحلن ۾ ڪم ڪري رهي آهي جتي قدرتي آفتن کان وٺي هر انهي معاملن ۾ مستحق عورتن جي مختلف وقتن تي ڀرپور سپورٽ ڪئي وئي آهي ۽ انهنڪي هر قسم جو رليف ڏياريو ويو آهي

بقايا — سنڌيار — 10

مل پهلوانن حصو ورتو,ملهه اسان جو ثقافتي راند آهي جونيئر ذوالفقارعلي پٽو تفصيل موجب ڳڏاپ جي علائقي سومار ڪنڌاڻي ڳوٺ ۾ اعجازحنيف خاصخيلي پاران ثقافتي راند مل جو جو احتمام ڪيو ويو جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ عوام شرڪت ڪئي.ان موقعي تي جونيئر ذوالفقار علي پٽو قومي عوامي تحريڪ ڪراچي ڊويزن جي سينيئر نائب صدر ڪاشف خاصخيلي ميمبر ضميرلغاري مل پهلونن کي انعام ڏيئي همٿ افزائي ڪئي ان موقعي ڳالهائيندي جونيئر ذوالفقارعلي پٽو ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته اعجاز حنيف خاصخيلي کي جس ٿا ڏيون جنهن سنڌ جي ثقافت کي پزيرائي ڏيئي ڳڏاپ جي عوام کي تفريح مهيا ڪئي هنن وڌيڪ چيو ته ڳڏاپ پريس ڪلب جي جاڪوڙي ٽيم کي به جس ٿا ڏيون ته ڪراچي جي هر جاءِ تي پهچي پنهنجي ماروئڙن جو آواز بنجي بيباڪ صحافت جو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن ان موقعي تي سماجي معززن ۾ حنيف خاصخيلي عابد علي جوکيو ۽ ٻين شرڪت ڪئي

بقايا — سنڌيار — 11

آهي ته حيدرآباد جي رهائشي اطلاعات کاتي جي آفيسر بدين ۾ سرڪاري ڪوارٽرن تي قبضو ڪري پاڻ کي بدين جو شهري ڄاڻائي بدين جا ڪوڙا ڊوميسائل ٺهرائي بدين جي نوجوانن جي حقن تي ڌاڙو هنيو هاڻ وري مقامي ماڻهن جي پلاٽن تي قبضا ڪرڻ شروع ڪري ڏنا آهن ۽ منع ڪرڻ تي شهرين سان غنڊا گردي ڪري رهيا آهن هنن چيف سيڪريٽري سنڌ آئي جي سنڌ ڊي آئي جي حيدر آباد ۽ ايس ايس پي بدين کان گهر ڪئي آهي ته اطلاعات کاتي جي آفيسر ۽ سندس پٽ خلاف فوري ڪاروائي ڪئي وڃي ٻئي صورت ۾ سموري سنڌ ۾ احتجا جو سڏ ڏنو ويندو

بقايا — سنڌيار — 12

ڪاروباري ماڻهو تڪليفن کي منهن ڏيڻ لڳا ميونسپل انتظاميا جي ماهانا ساڍا 3 ڪروڙ روپيه بجيٽ ڪرپشن جي ور چڙهيل,رستن تي گٽرن جو پاڻي بيهجي وڃڻ سبب ڪاروبار متاثر ٿئي ٿو بيماريون پڻ پيدا ٿين ٿيون ميونسپل انتظاميا کي بار بار شڪايت ڪرڻ باوجود گٽر جو گندو پاڻي نيڪال نه ٿو ڪيو وڃي هنگامي بنيادن تي پاڻي نيڪال نه ڪيو ويو ته سخت احتجاج ڪنداسين

بقايا — سنڌيار — 13

منعقد ٿيل تقريب ۾ خيالن جو اظهار ڪندي ڊپٽي ڊائريڪٽر ۽ چائلڊ پروٽيڪشن آفيسر بدين عبدالغفار ڪوسو چيو ته محروم ۽ محڪوم طبقن خاص طور عورتن، ٻارڙن، غريبن، خاص صلاحيتن وارن فردن ۽ اقليتي طبقن جي حقن کي يقيني بنائڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي. هن چيو ته وقت جي ضرورت آهي ته ٻارڙن جي تعليمي حق کي يقيني بنائڻ لاءِ جوڳا اپاءَ ورتا وڃن. هن تقريب ۾ موجود عورتن تي زور ڀريو ته هو پنهنجي پٽن توڙي نياڻين کي برابر حيثيت ڏين ۽ نياڻين کي به تعليم جي زيور سان نوازين. عبدالغفار ڪوسي چيو ته تعليم جي ذريعي ئي حقن جي ڄاڻ ملندي. هن چيو ته عورتن جي حقن کي پائمال ڪندڙ سماجي ريتن رسمن جو خاتمو به علم جي ڦهلاءَ ذريعي ممڪن آهي. هن چيو ته اسان جي سماج ۾ خاص طور ٻهراڙي جو عورتون ڪيترين سماجي ستم ظرين جو شڪار ٿين ٿيون ڪارو ڪاري، سگ چٽي، ننڍي جمار جي شادي، ذبردستي جي شادي، جنسي تشدد، جسماني ۽ ذهني ايذاءَ عورتن سان ٿيندڙ ناحق ۽ ويڌن جا چند اهم مثال آهن جن جي خاتمي لاءِ سڀني باشعور ماڻهن کي اڳتي اچڻ گهرجي. هن چيو ته عورتن ۽ ٻارن جي حقن جي حفاظت لاءِ حڪومت جا ادارا موجود آهن، شهرين کي کپي ته انهن ادارن جي مدد حاصل ڪن. هن چيو ته ٻارڙن سان ٿيندڙ زيادتين خلاف سنڌ چائلڊ پروٽيڪشن اٿارٽي ڀرپور ڪوششون ڪري رهي آهي. هن چيو ته ٻارڙن سان ٿيندڙ جنسي، جسماني ۽ ذهني تشدد يا ڪنهن ٻي ناانصافي خلاف اٿارٽي جي هيلپ لائين 1121 تي رابطو ڪرڻ گهرجي. تقريب جي موقعي تي ڳالهه آئيندي آر ڊي ايف جي پروجيڪٽ مينيجر ڪاشف قريشي چيو ته سندن اداري ٻوڏ متاثر ڪميونٽي جي ٻارڙن ۽ عورتن جي حفاظت ۽ تربيت خاطر محفوظ جڳهيون قائم ڪيون آهن جتي تعليم ۽ تربيت سان گڏ هنر پڻ سيکاريا وڃن ٿا. هن چيو ته عورتون سجاڳ ۽ هنرمند ٿينديون تڏهن ئي سندن حق محفوظ ٿي سگهندا. سماجي ورڪر اسلم ملڪاڻي چيو ته پروگرام ۾ شريڪ عورتون عهد ڪري پنهنجن سڀني ٻارڙن کي اسڪول ۾ داخل ڪرائين. تقريب جي موقعي تي پروجيڪٽ مينيجر ثناءالله لغاري، زليخا انصاري، خالده کهيري، اقرا ، رافعا ۽ اقصا پڻ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو. آخر ۾ عورتن ۾ ڊگنٽي/ هائيجين ڪٽون ورهايون ويون ۽ خاص صلاحيتن واري فرد زاهد کي ويل چيئر ڏني وئي

بقايا — سنڌيار — 14

دادو پهتا انڊس دادو پهچڻ تي آل سنڌ ايريگيشن ٽريڊ يونينز فيڊريشن صدرن ڊويزن يونٽ دادو جي صدر نبي بخش جمالي جنرل سيڪريٽري علي بخش وگهيو چيئرمين نصرالله ڪلهوڙو امتياز ملڪاڻي پانڌي خان روستم ٻبر محمد علي لاشاري غلام قادر لغاري ۽ ٻن پاران آيل مهمانن جو استقبال ڪيو ويو ۽ سڀني مهمانن کي دعا چونڪ دادو اڳيان گلن جا تحفا پيش ڪري شاندار نموني سان استقبال ڪيو ويو اسٽيٽس تي پهڻ سان گلن جا هار پارائي آل سنڌ جا نعرا لڳائي خوشي جو اظهار ڪري ان ڪانپوءِ آل سنڌ ايريگيشن دادو جي صدر نبي بخش جمالي جنرل سيڪريٽري علي بخش وگهيو سميت ٻن ٽيم جي ميمبرن توڙي عهديدارن مختلف اشوز کي خطاب ڪيو ۽ آل سنڌ ايريگيشن جي صوبائي صدر آڏو مذدورن جا ڪجه مطالبه پيش ڪيا آخر ۾ آل سنڌ ايريگيشن ٽريڊ يونينز فيڊريشن جي صوبائي صدر ميان عبدالرحيم پارو پروگرام کي خطاب ڪندي چيو ته آل سنڌ جا اڳواڻ ڀهرين ڏينهن کان هن محل تائين مذدورن کي پنهنجا حق وٺي ڏيڻ ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ انشاءالله اڳتي به مذدورن جي حقن لاءِ ڪرادر ادا ڪندي هنن وڌيڪ چيو ته گذريل ڪجه ڏينهن اڳ سنڌ اسمبلي پهچي صوبائي وزير سميت ايم پي اين کي ايريگيشن جي ملازمن جي لاءِ ڪجه مطالبه رکيا آهن اميد آهي تمام جلد مطالبه مڃا ويندا ۽ ملازمن کي پنهنجا حق ضروري وٺي ڏينداسين آخر ۾ آل سنڌ ايريگيشن دادو جي ٽيم جو شڪر گذار ڪيو

بقايا — سنڌيار — 15

ڏينهن گذر سفر ڪرڻ لاءِ ٽنڊو محمد خان پنڻ لاءِ وياسين ته اسان سان گڏ نوجوان ناري ميرزادي شيخ اچانڪ گم ٿي وئي گهڻو ڳولڻ باوجود به هن وقت تائين ناري جي ڪاب خبر ناهي پئجي سگهي آهي سندس گمشدگي جو اطلاع ٽنڊو محمد خان ٿاڻي تي ڏنو آهي پر نياڻي واپس ناهي ٿي هنن وس وارن کي اپيل ڪئي آهي د اسان جي نياڻي کي هٿ ڪرائڻ ۾ مدد ڪن

بقايا — سنڌيار — 16

ويو آهي مختلف طريقن سان هراسان ڪري رهيو آهي هن وڌيڪ چيو ته ڪورٽ سگوري منهنجي درخواست ايف آئي اي کي اماڻڻ بعد نادره انچارج مون تي مچرچي پيو آهي چئي ٿو ايف آئي اي وارن کان درخواست واپس وٺ مون سان لکت ۾ ٺاهه ڪر جئين منهنجي نوڪري بچي سگهي هن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته نادره انچارج فياض ميمڻ منهنجو شناختي ڪارڊ بغير رشوت جي ٺاهڻ لاءِ تيار نه آهي جيڪو منهنجو جائز مسئلو آهي برائي مهرباني منهنجي هن مسئلي جو نوٽيس ورتو وڃي ۽ مونکي شناختي ڪارڊ ناهي ڏنو وڃي جڏهن ته نادرا آفيس دادو جي انچارج فياض ميمڻ اداري پاران پاليسي وارو ليٽر ڏيکاريندي چيو ته نادرا اختيارين جي حڪم تي ڊس ايبلٽي لوگو وارو شناختي ڪارڊ ادارو ان کي جاري ڪندو آهي جيڪو مڪمل طور نابين معذور هجي تنهن هوندي به اسان کي هن کي هڪ اک کان معذوري بنا لوگو وارو شناختي جاري ڪرڻ لاءِ ٽوڪن ڏنو آهي هن وڌيڪ چيو ته سهيل ابڙو پاران رشوت وٺڻ جا الزام بي بنياد آهن جڏهن ته سهيل ابڙو پاران عدالت ۾ داخل ڪيل درخواست عدالت پڻ رد ڪري چڪي آهي

بقايا — سنڌيار — 17

شريف جو خون رائگان ٿيڻ نه ڏينداسين صدر امام علي شاهه بخاري جو تقريب کي خطاب ۾ اظهار تفصيل موجب پريس ڪلب ڪوٽڏيجي جي سال 2023 جي نئين چونڊجي آيل صدر سيد امام علي شاهه بخاري۽ ٻين عهديدارن جي مان ۾ نوجوان صحافي ۽ پاڪ سوچ اخبار ڪوٽڏيجي جي رپورٽر بادشاهه گوپانگ طرفان اقراءِ ريسٽورنٽ ڪوٽڏيجي ۾ شاندار آجياڻو ڏنو ويو جنهن ۾ پريس ڪلب ڪوٽڏيجي جي صدر سيد امام علي شاهه بخاري ، سرپرست اعلي سيد افضل حسين افضل، سينئر نائب صدر سيد حسين علي شاهه بخاري , جنرل سيڪريٽري پير بخش گوپانگ ,نائب صدر فقير عبدالخالق ڪانڊرو، نائب صدر رونق علي اڄڻ , ڊپٽي جنرل سيڪريٽري غلام قادر سنڌن، اطلاعات سيڪريٽري شاهد حسين آرائين، فنانس سيڪريٽري حاجن علي هاليپوٽو، آفيس سيڪريٽري گل حسن ڪانڊرو،سينئر صحافي منير ناشاد، محمد مٺل گوپانگ، محمد آصف راجپوت، شفقت علي خاصخيلي، لعل بخش گوپانگ، عرفان علي لاشاري ۽ ٻين صحافين شرڪت ڪئي ان موقعي تي آجياڻي تقريب کي خطاب ڪندي پريس ڪلب ڪوٽڏيجي جي چونڊجي آيل صدر سيد امام علي شاهه بخاري نوجوان صحافي بادشاهه گوپانگ پاران شاندار آجياڻو ڏيڻ تي سندس شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته صحافين کي پنهجا حق حاصل ڪرڻ لاءِ منظم ۽ مظبوت جدوجهد ڪرڻي پوندي ۽ پنهنجي انائن کي ڇڏڻو پوندو. هن وڌيڪ چيو ته شهيد ارشد شريف جو خون رائگان ٿيڻ نه ڏينداسين ۽ افسوس ته تمام گهٽي دير سان چيف جسٽس آف پاڪستان نوٽيس ورتو آهي ۽ سپريم ڪورٽ جي حڪم جي باوجود اسلام آباد پوليس پراڻي ڪڏي روايت کي برقرار رکندي پاڻ فريادي ٿي آهي جڏهن ته شهيد ارشد شريف جي امڙ جي فرياد تي ايف آئي آر درج نه ڪئي وئي آهي بحرحال اسان کي وري به سپريم ڪورٽ مان انصاف جي اميد آهي ۽ انشاءالله جلد اصل قاتل قانون جي شڪنجي ۾ ايندا ۽ سزا کان بچي نه سگهندا

بقايا — سنڌيار — 18

پاران مختلف سنڌي گيتن تي جهمريون پڻ هنيون ويون ان موقعي تي اسڪول جي پرنسپل ميڊم هما نور: مس شوانه مرڪ : عبدالباسط : آليان شاهه ۽ عارف قريشي خطاب ڪندي چيو سنڌي ثقافت قديم ۽ شاهوڪار آهي، سنڌي ثقافت سان اسان کي پيار ۽ محبت آهي تقريب ملهائڻ جو مقصد ٻارڙن ۾ سنڌي ثقافت جي باري ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ آهي اجرڪ اسان کي موهن جي دڙي ۾ به مليو آهي ان جو مطلب ته سنڌ جي ثقافت تاريخي آهي، اسان سڀني کي گهرجي ته سنڌ جي ثقافت کي ڀرپور طريقي سان پروموٽ ڪريون ۽ سيئي ٽوپيون ۽ اجرڪ پائي اچون ۽ پنهنجي سنڌي ثقافت کي اجاگر ڪريون ان موقعي تي خصوصي ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن شاگردياڻين کي انعامات پڻ ڏنا ويا

بقايا — سنڌيار — 19

اسٽورن عوام کي رليف ن ڏئي سگهيا سستي گر ۽ اٽي کان پڻ محروم بڻيل آهن وفاقي سرڪار طرفان يوٽيلٽي اسٽور تي آيل اٽو گر ڪنڊ سميت سامان غريب مسڪين کي ڏيڻ بدران من پسند بااثر ماڻهن ۽ دڪانن ۾ سري عام وڪرو ڪري رهيو آهي جن پنهنجا هٽ ٺوڪيا هئرام ايجنٽ مقرر ڪري انهن جي مترفت وڪري ڪرڻ جو عمل جاري آهيپ جنهن غربت مسڪين ماڻهن پاران سستي گر اٽو ڪنڊ سميت ٻيو شيون سرڪاري يوٽيلٽي اسٽور تي سامان ن ملڻ ڪري انهن ڏڪا ڏئي ڪين خالي موٽايو وڃي ٿو جنهن ڪري مسڪين ماڻهون مايوس ٿي دڪانن تي مهانگائي سامان وڏڻ تي مجبور آهن جنهن کي يوٽيلٽي اسٽور عوام کي رليف ڏيڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ثي ويا آهن جن پنهنجا ٺٽ ڪري هر مهيني لکين روپين جي ڪرپشن ڪري رڪارڊ توڙي ڇڏيا آهن شهرين طرفان قائم ڪيل يوٽيلٽي اسٽور سامان وڪري ڪرڻ خلاف پاڻمرادو نوٽيس وٺي جن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي

بقايا — سنڌيار — 20

ڪنير سخت زخمي ٿي پيا حادثي بعد ڪار ڊرائيور فرار ٿي ويو جن کي آسپاس جي ماڻهن زخمي حالت ۾ ڪٽائي چانڊڪا اسپتال جي حادثن واري شعبي ۾ آندو جتي ڊاڪٽرن پاران زخمي نوجوان راشد وڌو جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي وئي، ان موقعي تي فوتي نوجوان جي وارثن ٻڌايو ته اسين قمبر جا رهواسي آهيون موٽرسائيڪل تي قمبر کان لاڙڪاڻي اچي رهيا هئاسين ته لاڙڪاڻو باءِ پاس تي تيز رفتار ڪار ۽ موٽر سائيڪل وچ ۾ آمهون سامهون ٽڪرجي نتيجي ۾ حادثو پيش آيو آهي.

بقايا — سنڌيار — 21

سماجي اڳواڻ سيد غلام حيدر شاهه لڪياري جو وڏو پٽ ۽ سيد ممتاز علي شاهه لڪياري جو سئوٽ سيد علي مردان شاهه لڪياري دل جو دورو پوڻ سبب وفات ڪري ويو مرحوم جي جنازي نماز ۾ سانگهڙ جي سياسي ۽ سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جنهن ۾ سانگهڙ" ايم اين اي جناب نويد ڏيرو صاحب' فدا حسين ڏيرو' سنڌ سيد ايسوسيئيشن جو صدر سيد شهاب الدين شاهه' سروري جماعت جو چيف خليفو' سيد نور محمد شاهه' سميت علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مرحوم جي جنازي نماز سندس اباڻي ڳوٺ ٽنڊومٺاخان ۾ ادا ڪئي وئي مرحوم کي سندس اباڻي قبرستان ٽنڊومٺاخان ۾ سوين آلين اکين سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو مرحوم جي وفات تي سوڳ ۾ ٽنڊومٺاخان شهرجزوي طور تي بند رهيو جڏهن د علائقي واسين ۾ ڏک جي لهر ڇانيل رهي مرحوم جي پوئنرن سان تعزيت جي لاءِ ٽنڊومٺاخان ۾ سندس رهائشگاهه تي تڏو وڇايو ويو آهي جتي هن وقت تعزيعت جو سلسلو هلندڙ آهي

بقايا — سنڌيار — 22

لاءِ سندس وارثن جا مختلف شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا آهن جنهن کان پوءِ وارهه تعلقه پريس وارهه اڳيان پڻ احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي عبدالغفار مرڪنڊ جي وارثن سندس ڀاءُ سچل مرڪنڊ عبدالجبار مرڪنڊ ۽ وني فرزانه غفار ۽ پٽ مهراڻ مرڪنڊ، ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته عبدالغفار مرڪنڊ ٻوڏ جي ڪري بيروزگاري کان تنگ ٿي ڪراچي مزدوري لاءِ ويل هيو جنهن کي بيگناهه ڪنهي گم ڪيو ويو آ ۽ مختلف شهرن ۾ احتجاج ڪرڻ کان پوءِ به ڪوجائز نوٽيس نه ورتو ويو آ نه ڪٿان ڪو پتو پئجي سگهيو آ سندن وڌيڪ چوڻ هو ته ڪنهي گم ڪيل عبدالغفار مرڪنڊ اڪيلو ڪمائي گهر جو چرخو هلائيندڙ هڪ غريب مزدور آهي سندس کي معصو ٻچڙا ۽ ڪراڙي امڙ آهي جيڪي پريشاني جي عالم ۾ ورتل آهن اسين سڀني وس وارن ۽ ٻين انساني حقن جي تنظيمن کي پرزور اپيل ٿا ڪيون ته اسان جو ٻي ڏوهي نوجوان ظاهر ڪري آزاد ڪرائي ڏنو وڃي

بقايا — سنڌيار — 23

پئي منعقد ٿيندڙ ثقافتي تقريب ۾ اسڪول جي شاگردن۽ شاگردياڻين تقريرون،ثقافت سان ڀريل ٽيبلوز ۽ سنڌي ثقافتي گيت پيش ڪري پروگرام ۾ ڪهي آيل مهمانن کي جهومائڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو ڇڏيو، جڏهن ته تقريب ۾ سنڌ جي ثقافتي رنگن کي اجاگر ڪيو ويو جنهن ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين سنڌ جي رنگن ۾ رنگجي سنڌ جي هزارين سال پراڻي تهذيب کي اجاگر ڪيو جڏهن ته اسڪول جي شاگردن جي ٽيلينٽ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ انهن ۾ سوالن جوابن، تقريرن ۽ نعتن جا پڻ مقابلا ڪرايا تقريب جا مهمان خاص بشير احمد مهر حسين بخش چاچڙ اسڪول آپريٽر انيسه چاچڙ والدين معزز شخصيتن شرڪت ڪئي ۽ ٻيا هئا تقريب جي شروعات تلاوت قرآن پاڪ سان ڪئي وئي جڏهن ته حمد ،نعت، تقريون ٽيبلوز ڊانس پرفامنس ،قومي گيت شاگردن ۽ شاگردياڻين پيش ڪري داد حاصل ڪيو . ۽ هوجمالو تي شاگرن شاگردياڻين توڙي مهمانن جهمرهٽي ڪري تقريب کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا جڏهن ت ان موقعي تي مهمانن ڳالهائيندي چيو ته اسان ڳالهائيندي چيو ته زنده قومون پنهنجي ثقافت کي اجاگر ڪنديون رهنديون آهنآهن.ثقافت سان جيڪو رشتو هوندو آهي اهو هڪ تمام مضبوط رشتو آهي وقت ۽ حالتن سان ان تبديلي ۽ نواڻ به ايندي ٿي رهي هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ جا سمورا نجي توڙي سرڪاري ادارا ڪلچر جي حوالي سان ايڪٽيوٽيز ڪن ٿا هنن چيو ته اسڪول ۾ اهڙيون تقريب ڪوٺائڻ سان شاگردن جي حوصله افزائي ٿئي ٿي ۽ شاگردن جو تعليم سان لڳاءُ ۽ شوق به وڌي ٿو تقريب ۾ آيل مهمانن طرفان پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي انعام پڻ ڏنا ويا

بقايا — سنڌيار — 24

۽ ٻين چيو ته سنڌ حڪومت پاران عورتن کي حق ڏيارڻ لاءِ قانون سازي ڪئي وئي آهي تجئين عورتن کي ب معاشري ۾ برابري جي بنياد تي هڪ جيتري اهميت حاصل ٿي سگهي هن وڌيڪ چيو ته سندس ڪاتي پاران معاشري جي عورتن کي برابري جا حق ڏيارڻ ۽ پنهنجي حقن بابت ڄاڻ ڏيڻ لاءِ 16 ڏينهن واري مهم تحت آگاهي سيمينار منعقد ڪيا پيا وڃن ته ا ۽ مب ڙ جي روڪٿام ۽ انهن کي برابري جا حق ڏيارڻ لاءِ مب سگهجي ان موقعي تي ڊپٽي ڊائريڪٽر وومين ڊيولپمينٽ پاران عورتن ۾ تحفا ۽ لائف ڪٽس تقسيم ڪيون ويون.

بقايا — سنڌيار — 25

جيئي لطيف پينل جو عبدلفهيم ٿهيم 47 ووٽ حاصل ڪري جنرل سيڪريٽري طور ڪامياب ٿي ويو مقابلي ۾ سامهون الشهباز پينل جو اميدوار سليم خان 32 ووٽ کڻي هاراءِ ويو جيئي لطيف پينل جا اڪثر اميدوار ڪامياب ٿي ويا صفدر حسين ڪلوڙ 52 ووٽ حاصل ڪري نائب صدر چونڊيو ويو مقابلي ۾ ميران بخش سومرو 27 ووٽ کڻي سگهيو ۽ عبدالحفيظ 43 ووٽ کڻي جوائنٽ سيڪريٽري چونڊجي ويو سامهون بيئل الشهباز پينل جو اميدوار اياز فراس 36 ووٽ کڻي هاراءِ ويو جيئي لطيف پينل جي اميدوارن جي تعلقه بار جي چونڊن ۾ ڪاميابي ڪانپوءِ دهلن تي رقص خوشي جو اظهار ڪندي ڪشمور سول ڪورٽ کان ريلي ڪڍي شهر جو گشت ڪيو ويو جيئي لطيف پينل جي سائي اميدوارن پاران هڪ ٻئي کي مبارڪون ڏيندي هار پارايا ۽ مٺائي ورهائي وئي،

بقايا — سنڌيار — 26

ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن عبداللطيف سولنگي، اسد وسطڙو، مير محمد سهتو، خالد چنه خطاب ڪندي چيو ته اڄ جي مهانگائيءَ واري دور ۾ ڪتاب لکڻ ۽ شايع ڪرائڻ ڪنهن جهاد کان گهٽ ناهي پر اعجاز ممنائي کي قلم سان انتها درجي جو عشق آهي جنهن جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو جو ٻن سالن ۾ سندس چار ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن جڏهن ته ڏهن ڪتابن جو مواد ڇپائي جي انتظار ۾ آهي تقريب کي خطاب ڪندي اعجاز ممنائي چيو ته مون ڪڏهن به اهو نه سوچيو آهي ته ڪتاب لکڻ ڪانپوءِ ڇپائي ڪيئن ٿيندي؟منهنجو ڪتاب ڪير پڙهندو الائي نه؟ مون صرف اهو سوچيو آهي ته هرحال ۾ لکڻو آهي انڪري قلم جو سهارو وٺي اندر جي آواز کي ڪاغذ تي لکيو اٿم ۽ دوستن طرفان ڀرپور پزيرائي ۽ حوصله افزائي ملي آهي جيڪو مون لاءِ وڏو اعزاز آهي اهو سلسلو سچي زندگي جاري رهندو تقريب ۾ ايڊووڪيٽ نثار لهراڻي ترنم ۾ گيت ڳائي محفل کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا ياد رهي ته اعجاز ممنائي جا هن وقت تائين چار ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن جن ۾ اندر جا اندوهه، رِندَ پروڙين راز، جنين جيءُ جياريو جا ٻه حصا شامل آهن

بقايا — سنڌيار — 27

ڪاميابي حاصل ٿي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ پنجاب سميت سنڌ جي مختلف شهرن سان تعلق رکندڙن 4 ڄڻن کي اغوا ٿيڻ کان بچايو ويو آهي جن جي تفصيل هيٺين ريت آهي عطا محمد ولد باغ ٻرڙو ڳوٺ گل ٻرڙو ضلعو شڪارپور سلطان احمد ولد صادق علي سڪنا ميمڻ ڳوٺ ملير ڪراچي عبدالغفار ولد غلام رسول چنا ضلعو مٽياري محمد طارق ولد ولي محمد ضلعو رحيم يار خان پنجاب تيغاني گينگ، شاهاڻي گينگ ۽ جاگيراڻي گينگ جي جوابدارن پاران 4 ڄڻن کي اغوا ڪرڻ جو منصوبو ٺاهيو ويو هو سندن ڪال رڪارڊنگ جي مدد سان ايس ايس پي شڪارپور جي ٽيڪنيڪل ۽ اسپيشل ٽيم اغوا ٿيندڙن کي اغوا ٿيڻ کان بچائي ورتو ۽ انهن سان رابطو ڪري ممڪنه خطري کان آگاهه ڪيو ۽ اهڙي طرح شڪارپور پوليس 4 ڄڻن کي اغوا ڪرڻ جو منصوبو ناڪام بڻائي ڇڏيو ترجمان ايس ايس پي شڪارپور

بقايا — سنڌيار — 28

۾ ٽيڪسي اسٽينڊ کان پنجاري پل چوڪ تائين احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي سنڌ ڪلچرل ونگ جي چيئرمين صادق لاڪو، مرتضيٰ اوٺو، انور ملاح، عرس اوٺو، عزيز ميمڻ، انور خاصخيلي ۽ ٻين پريس ڪلب دڙو جي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته لاڙ وارن علائقن ۾ زرعي تربيتي ادارو قائم نه ڪرڻ سبب مالوند ماڻهو ۽ انهن جو اولاد مذڪور سهولت کان محروم مڪمل طور تي اڻڄاڻ آهي، زرعي تربيتي ادارو قائم ٿيڻ سان لاڙ خطي جي هارين ۽ مالوندن جي اولاد کي جديد زرعي تعليم سان گڏ جانورن جي پالنا جي سکيا سان گڏ ڪين روزگار جا موقعا فراهم ٿيندا، هنن مطالبو ڪيو ته سجاول ضلعي ۾ زرعي ۽ لائيو اسٽاڪ سکيا سينٽر قائم ڪيو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 29

گرم ڪپڙا ورهايا ويا، سرتيو سکيا سينٽر جي اونر خالد ڪوري نئون ديرو جي محلي پير ڳوٺ، گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول جهان خان جروار، گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول نئون ديرو نمبر 3 گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول خانواهه گورنمينٽ مڊل هاءِ اسڪول نئيا موهل ۾ وڏي انگ ۾ داخل مستحق ٻارڙن ۾ گرم ڪپڙا تقسيم ڪيا ان دوران اونر خالد ڪوري جو چوڻ هيو ته ڀهرين ڀيرو نئون ديرو ۾ سرتيون سکيا سينٽر جو آغاز ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ سلائي ڪڙاهي سميت نياڻين کي فري ۾ تعليم به ڏني ويندي، ان حوالي سان وڌيڪ هن جو چوڻ هيو ته نئون ديرو جا ماڻهو اسان سان تعاون ڪندي پنهنجون نياڻيون جيڪي تعليم کان محروم ۽ هنر سان چاهه رکن ٿيون انهن کي اسان جي سينٽر ۾ داخل ڪرايو وڃي چو جو اسان جي سينٽر ۾ هنر جي سکيا سان گڏ ڪمپيوٽر تعليم به فري ۾ ڏني ويندي جئين نياڻيون آن لائن ذريعي گهر ويٺي پنهنجي هنر ۽ تعليم مان ناڻو ڪمائي گهر وارن جو سهارو بڻجي سگهن اسان جو سينٽر مڪمل طور سڪيور آهي جيڪو مڪمل طور سيڪيورٽي ڪيمرائون سان به ليز آهي جنهن ۾ هر طرف کان اسان پاڻ سينٽر کي ڪنٽرول ڪنداسين..ٻئي پاسي پ ت الف تعلقه رتوديرو جي صدر اعجاز احمد سيال سينيئر استاد بيتاب سولنگي، غلام علي پٽو،پرائمري استاد فياض حسين ابڙو،عزيز الله ڪٽپر،۽ ٻين اسڪول جي استادن سماجي تنظيمن پاران مستحق ٻارن کي گرم ڪپڙا ڏيڻ تي سماجي اڳواڻن جي ان عمل جي ساراهه ڪئي،

بقايا — سنڌيار — 30

تعلقي ٿاڻي جي حد ۾ 4 سال اڳ پوليس گاڏي جي ٽڪر ۾ فوت ٿيل موٽرسائيڪل سوار نوجوان عرفان علي رند واري ڪيس جي ٻڌڻي ٿي جتي فوتي نوجوان واري واقعي جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي عدالت پوليس گاڏي جي ڊرائيور سرتاج واهوچو کي 8 سال قيد ۽ وارثن کي 42 لک 63 هزار روپيه ديعت جي رقم ڏيڻ جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي. ان حوالي سان ڪيس وڙهندڙ سپريم ڪورٽ جي وڪيل مخدوم سيد طاهر عباس رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته سال 2018 دوران عرفان علي رند پنهنجي دوستن واحد علي ککراڻي، اشفاق سانگي ۽ محمد قاسم جتوئي سان گڏجي ٻن موٽرسائيڪلن تي سوار ٿي وڳڻ شهر ۾ شادي جي تقريب ۾ شرڪت ڪرڻ لاڙڪاڻي کان وڳڻ وڃي رهيا هئا ته تعلقي ٿاڻي جي حد قمبر شهدادڪوٽ پوليس جي موبائيل گاڏي ڪين ٽڪر هنيو جنهن جي نتيجي ۾ عرفان علي رند فوت ٿي ويو جنهن واقعي جو ڪيس نوجوان جي والد مولاداد رند جي فرياد تي تعلقي ٿاڻي تي داخل ٿيو اڄ ان ڪيس ۾ عدالت پوليس گاڏي جي ڊرائيور سرتاج واهوچو کي 8 سال قيد 42 لک 63 هزار روپيا وارثن کي ديعت جي رقم ڏيڻ جي سزا ٻڌائي.

بقايا — سنڌيار — 31

دوستن طالب حسين چانڊيو، بشير احمد لطيفي، زاهد حسين ٻرڙو، سميع الله ٻگهيو خصوصي شرڪت ڪئي پروگرام ۾ اسڪولي شاگردن طرفان تقريرن جا مقابلا ٽيبلوز وغيره ۽ قومي گيتن تي رڪس ڪئي وئي پروگرام جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪئي ان موقعي سائين الله جڙيو مغيري، سائين خليل احمد بروهي، سائين محمد صالح بروهي، ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هر سال جيان هن سال به سي ايف سي جي تعاون سان اسڪولي شاگردن کي پنهنجي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ پروگرام منعقد ڪيو آهي زنده قومون پنهنجي ثقافت کي ڪڏهن به نه وساريندي‍ون آهن اسان هڪ تهذيب يافته قوم جو حصو آهيون اهڙن پروگرامن سان اسڪولي شاگردن ۾ پنهنجي ثقافت جو رجحان پيدا ٿئي پيو ۽ شاگردن ۾ انٽريسٽ به پيدا ٿئي پئي آخر ۾ بهترين پرفارمنس ڏيکاريندڙ شاگردن ۾ ٽافيون وغيره تقسيم ڪيون ويون ۽ ايندڙ مهمانن استادن ۽ صحافي دوستن کي سنڌ جي ثقافت ٽوپيون پارايون ويون

بقايا — سنڌيار — 32

فقير جو اسڪول 2011 واري ٻوڏ کان وٺي اسڪول زبون حالي جو شڪار آهي، ڪيترائي ڀيرا لکت ۾ تعليم کاتي بدين جي آفيسرن کي درخواستون به ڏنيون آهن پر افسوس جو انهن تي ڪو به عمل ناهي ٿيو. ڳوٺاڻن ٻڌايو ته ڪجھ ڏينهن اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊوباگو ثناء الله صدر اسڪول جي وزٽ دوران اسڪول جي زبون حالي کي ڏسندي ٻارن لاءِ هڪ تنبو ڏياريو آهي جنهن ۾ هن وقت اسڪول هلي رهيو آهي. هنن چيو ته ڪيترائي ڀيرا اسڪول جي ڇت جا ڇاپڙ معصوم ٻارڙن تي ڪرڻ سبب ٻارڙا زخمي به ٿيا آهن. هنن تعليم کاتي جي وزير ۽ سيڪريٽري تعليم کان اسڪول جي عمارت تعمير ڪرائڻ جو مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته پرائمري اسڪول ڪندو فقير جي اسڪول جي نئين عمارت تعمير ڪرائي معصوم ٻارڙن جون حياتيون بچايون وڃن.

بقايا — سنڌيار — 33

ڪٽي اوور هيڊ برج تي جيئن ئي چڙهاسين ته ابوبڪر مقام واري پاسي کان فائرٽيوجيڪو ڪليندر سائيڊ لڳل اي سي کي اچي لڳو ته شيشو ٽٽو ۽ مسافرن ۾ رڙيون پئجي ويون جڏهن ڪو به جاني نقصان ناهي ٿيو اهڙو اطلاع فوري طور تي ون فائي مددگار بيس ۽ الهه آباد ٿاڻي جي پوليس کي ڏنو سين، هن وڌيڪ ٻڌايو اڳ به بس سروس کي سروٽا لڳا آهن ٻين ڊرائيورن ٻڌايو آهي اسان سمجهيوسين ته ٻارن جي ڪا حرڪت آهي جيڪي سروٽا هٽندا آهن اچي گاڏي کي لڳن ٿا. هوڏانهن آخري اطلاعن تائين پوليس ڪا به گرفتاري عمل ۾ نه آندي وئي آهي، واضح رهي ته پيپلزپارٽي قيادت لاڙڪاڻي جي عوام لاءِ سستي سفري سهولت مهيا ڪرڻ لاءِ پيپلز بس سروس هلائي وئي آهي بدامني سبب جيڪا پڻ غير محفوظ بڻيل آهي.

بقايا — سنڌيار — 34

ڪئي جنهن ۾ اسڪول جي ٻارڙن ثقافتي ويس وڳا، ٽوپيون اجرڪ پائي تقريرن،ٽيبلوز،خاڪن پيش ڪري قومي گيتن تي رقص ڪري پنهنجي عظيم ثقافت کي پيٽا پيش ڪئي وئي تقريب جو مهمان خاص اسڪول آپريٽر محمد نواز مهر جن هئا ۽ ٻين مهمانن ۾ هدايت الله مهر صاحب ,عنايت علي عارباڻي صاحب، منظوراحمد مهر ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ميمبر غوث بخش مهر ,وڏيرو جمال الدين مهر,منظور احمد مهر ۽ اسڪول استاد رسول بخش نداماڻي، اختيار مهر, عطا محمد (شاهد)مهر۽ ذاڪر حسين مهر محمد يعقوب انصاري ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي مقررين پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته سنڌ هزارين سالن کان پنهنجي تاريخ سڃاڻپ وجود ۽ ثقافت کي سانڍيو پئي اچي ثقافتي ڏهاڙي کي سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ يادگار ڏينهن طور ياد رکيو ويندو مهمانن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته هن پروگرام ۾ موجود ٻارڙن جيڪي تقريرون ڪيون آهن اهي ڳالهيون وڏين يونيورسٽي ۾ ڳالهيون ڪيون وينديون آهن .هتان جي شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ موجود ٽئلنٽ ڏسي پڪ ٿي پئي آهي ته سنڌ جو مستقبل روشن آهي اسان جي سنڌ جو ٻار تعليم جي ميدان پٺتي ناهي هنن چيو ته سنڌ جي اسڪولن کي سهولتون فراهم ڪيون وڃن هنن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو سنڌي ماڻهو محبت پيار پريت ۽ لطيف سرڪار جا پيروڪار آهن اسان جي سنڌي قوم هزارين سال قديم آهي ۽ اسان ثقافت سان بيحد پيار ڪيون ٿا.S8